ABC Certified
Reg No 2677
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | اربع 18 آڪٽوبر 2023 ع بمطابق 02 ربيع الثاني 1445ھ | شمارو: 07 | قيمت 10 روپيا

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ عام چونڊن بابت سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اهم اجلاس ٿيو

چونڊن جي غيرجانبدار ۽ پرامن انعقاد لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪيا وڃن: اليڪشن ڪمشنر

چونڊن جو آزاد، منصفاڻي ۽ غيرجانبدارانه انعقاد بهتر جمهوريت جو ضامن هوندو. اليڪشن ڪميشن عبوري صوبائي حڪومت کي هر ممڪن مدد فراهم ڪندي: سڪندر سلطان راجا

سرڪاري ملازمن جي ڪنهن به قسم جي سياسي تعصب کي برداشت نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪا شڪايت ملي ته ان تي فوري ڪارروائي ڪئي ويندي

اجلاس دوران اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري عام چونڊن جي تيارين جي حوالي سان بريفنگ ڏني، جنهن ۾ هن چونڊ لسٽن جي اپڊيٽ ۽ ووٽر رجسٽريشن بابت آگاهي ڏني

صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ، چيف سيڪريٽري سنڌ محمد فخر عالم، آءِ جي سنڌ رفعت مختار به شريڪ ٿيو

صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ اجلاس کي عام چونڊن جي تيارين جي حوالي سان هن وقت تائين ڪيل انتظامن تي بريفنگ ڏني ۽ ايندڙ قدمن جو جائزو پيش ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ عام چونڊن جي حوالي سان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ميمبر اليڪشن ڪميشن سنڌ نثار دراني، ميمبر اليڪشن ڪميشن بلوچستان شاهه محمد جتوئي، اليڪشن ڪميشن پنجاب بابر حسن پروانه، اليڪشن ڪميشن خيبرپختونخواهه جسٽس رٽائرڊ اڪرام الله خان، سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن عمير حميد خان، صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ، چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد فخر عالم ۽ آءِ جي سنڌ رفعت مختار، گهرو سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ، لوڪل گورنمينٽ سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ عام چونڊن جي حوالي سان اجلاس ٿي رهيو آهي

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ ٽيندڙ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس

اسرائيلي ڪارروائين تي ڳڻتيءَ جو اظهار، فلسطين جي حمايت جاري رکنداسين: آرمي چيف

فلسطيني عوام کي پاڪستاني قوم جي مڪمل سفارتي، اخلاقي ۽ سياسي حمايت حاصل آهي : جنرل عاصم منير

فلسطين مسئلي جي پائيدار حل ۽ مسلمانن جي مقدس هنڌن تي غيرقانوني قبضي جي خاتمي لاءِ اصولي موقف جي حمايت جاري رکنداسين

فورم غزه ۾ اسرائيل جي طاقت جي استعمال سان معصوم شهرين جي جاني نقصان تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو : آءِ ايس پي آر

آرمي چيف پاڪستان مان غيرقانوني پرڏيهين جي باعزت ۽ محفوظ واپسي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي

ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن غزه ۾ اسرائيل جي طاقت جي استعمال سان معصوم شهرين جي جاني نقصان تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويو

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير جي صدارت هيٺ ٽيندڙ ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن غزه ۾ اسرائيل جي طاقت جي استعمال سان معصوم شهرين جي جاني نقصان تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو آهي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جي صدارت هيٺ 260 هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ٿي آهي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو ته فلسطيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌ جي گورنر سان انساني حقن واري نگران وفاقي وزير خليل جارج جي ملاقات

انساني حقن واري وفاقي وزارت جي تحت منصوبن ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

انساني حقن واري وزارت جي منصوبن ذريعي عورتن ۽ ٻارن جي حقن جو تحفظ ممڪن ٿي سگهندو: گورنر سنڌ

صوبي ۾ وفاقي وزارت جي منصوبن تي موثر عملدرآمد سان شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ٿي سگهنديون

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران ٽسوري سان انساني حقن واري نگران وفاقي وزير خليل جارج ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان انساني حقن واري نگران وفاقي وزير خليل جارج گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ سمورن شهرين جي حقن جي تحفظ، عورتن ۽ ٻارن کي هر ممڪن سهولتن جي فراهمي، انساني حقن واري وفاقي وزارت جي تحت منصوبن ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ان موقعي تي سنڌ جي گورنر چيو ته انساني حقن واري وزارت جي منصوبن ذريعي عورتن ۽ ٻارن جي حقن جو تحفظ ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن ته آئين ۾ ڏنل حق هر شهري کي فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. ڪامران خان ٽيسوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

خيبر پختونخواهه ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جي خاتمي جو فيصلو ڪالعدم

عدالت عظميٰ طرفان باقاعدگي سان بل ادا ڪندڙ صارفين کي بجلي جي بنا رڪاوٽ فراهمي جو پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو ويو

پشاور هاءِ ڪورٽ جو لوڊشيڊنگ جي خاتمي جو حڪم قانون جي ابتڙ آهي : سپريم ڪورٽ جا ٻڌڻي دوران ريمارڪس

قانون ۾ ڊسڪوز خلاف نيپرا اٿارٽي ۽ ٽربيونل جا فورم قائم ڪيا ويا آهن. لاڳاپيل فورم جي هوندي هاءِ ڪورٽ سڌي ريٽ حڪم جاري نٿي ڪري سگهي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ خيبر پختونخواهه ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جي خاتمي جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو عدالت عظميٰ طرفان باقاعدگي سان بل ادا ڪندڙ صارفين کي بجلي جي بنا رڪاوٽ فراهمي جو پشاور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عالمي بينڪ پاڪستان کي 15 ڪروڙ ڊالر ڏيڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪري ڇڏي

انرجي سيڪٽر منصوبي لاءِ پاڪستان کي 13 ڪروڙ 25 لک ڊالر قرض جي طور تي ملندا

عالمي بينڪ پاڪستان کي ڏيڍ ڪروڙ ڊالر مدد جي طور به ڏيندو

اسلام آباد (م د) عالمي بينڪ پاڪستان کي انرجي سيڪٽر منصوبي لاءِ 15 ڪروڙ ڊالر ڏيڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪري ڇڏي آهي. انگن اکرن موجب انرجي سيڪٽر منصوبي لاءِ پاڪستان کي 13 ڪروڙ 25 لک ڊالر قرض جي طور تي ملندا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

مدئجي ۾ ڪلهوڙا ۽ جوڻيجا خوني تڪرار ٻيهر ڪر کنيو، 5 ڄڻا قتل

ٻنهي ڌرين طرفان هڪ ٻئي مٿان راڪيٽ لانچر فائر ڪيا ويا جنهن سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو

ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ سبحان جوڻيجو، عبدالڪريم جوڻيجو، نظر محمد ۽ نياز جوڻيجو مارجي ويا

پوليس واقعي واري هنڌ نه پهچي سگهي، فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڪلهوڙا برادري جو هڪ ڄڻو نادر ڪلهوڙو مارجي ويو

مدئجي (رپورٽر) مدئجي جي ڪچي واري علائقي سب ڊويزن جهڙ شيخ ٿاڻي جي حد ۾ هلندڙ ڪلهوڙا جوڻيجا تڪرار ٻيهر ڪر کنيو هٿيار بندن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

رٽائرڊ ٿيڻ وارن ملازمن ۽ ان جي بيوائن کي سروس جي بقايا ادائيگن کي وقت تي يقيني بڻائڻ : اعجاز علي خان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي محتسب اعليٰ اعجاز علي خان چيف سيڪريٽري سنڌ کي حڪم جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بيجنگ: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ روسي صدر ولاديمير پيوٽن سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ نسلا ٽاور ڪان پوءِ هڪ ٻئي عمارت کي ڊاهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 96 گزن تي آگرا تاج ۾ 9 ماڙ عمارت جي اڏاوت خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي

عدالت سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي ٻن هفتن ۾ عمارت ڊاهي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي علائقي آگرا تاج ۾ 96 گزن تي ٻڌل پلاٽ تي تعمير ڪيل 9 ماڙ عمارت کي ڊاهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 96 گزن تي آگرا تاج ۾ 9 ماڙ عمارت جي اڏاوت خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ عدالت 9 ماڙ عمارت کي ڊاهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي ٻن هفتن ۾ عمارت ڊاهي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. عدالت طرفان چيو ويو آهي ته ايس بي سي اي عملدار عمارت ڊاهي پٽ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسرائيل جي غزه تي بمباري جاري، شهيد فلسطينين جو انگ 2800 کان وڌي ويو

اسرائيل وڌيڪ 21 اسپتال خالي ڪرڻ جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو، اسرائيلي فوج طرفان غزه تي ميزائل فائر ڪرڻ جو سلسلو جاري

هڪ ڪلاڪ دوران اسان اسرائيل جي شهر تل ابيب ۽ والاريل بيت المقدس ۾ ميزائلن جا نوان حملا ڪيا آهن : حماس جي دعويٰ

اترين سرحد تي حزب الله جي ڪارروائين ۾ ڪيمرائن ۽ سينسرز لڳل هڪ ٽاور کي به نشانو بڻايو ويو

بيت المقدس: اسرائيل بمباري ۾ ڊهي پيل بلڊنگ هيٺان لاش ڪڍيا پيا وڃن

بيت المقدس (م د) اسرائيل جي وحشياڻي بمباري سبب غزه ۾ انساني بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي. اسرائيلي حملن ۾ شهيد ٿيل فلسطينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور ۾ ٽرانسپورٽرن پاران ڀاڙن ۾ 10 سيڪڙو گهٽتائي جو فيصلو ڪري ورتو

لاهور (م د) مسافرن جي لاءِ وڏي خوشخبري سامهون اچي وئي آهي. پنجاب جي وڏي وزير جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڏکڻ ۽ اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 2 دهشتگرد مارجي ويا، 2 سپاهي شهيد

پهريان چڪريون ڏکڻ وزيرستان جي علائقي اسمان منزه ۾ ٽيون جتي دهشتگردن جي ٽڪاڻي کي نشانو بڻايو ويو

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران سپاهي ساجد اعظم (عمر 31 سال رهندڙ ڪوٽلي، آزاد ڪشمير) بهادري سان وڙهندي شهيد ٿي ويو

پشاور (م د) سيڪيورٽي فورسز ڏکڻ ۽ اتر وزيرستان ۾ ٻن ڌار ڪارروائين ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا. جڏهن ته فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 سپاهي به شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب 16 آڪٽوبر 2023 تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سائفر ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين تي فرد جرم لاڳو نه ٿي سگهيو

خصوصي عدالت جي جج اڊيالہ جيل ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي هلائي

عدالت فرد جرم جي ڪارروائي ايندڙ ٻڌڻي تي مقرر ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سائفر ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين تي فرد جرم لاڳو نه ٿي سگهيو آهي خصوصي عدالت جي جج اڊيالہ جيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسرائيل نه مڙيو ته مسلمانن کي ڪو به نٿو روڪي سگهي: آيت الله خامنه اي

اسرائيلي اختيارين کي انهن جي ڏوهن لاءِ ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي

والاريل فلسطين جي اسرائيلي سيٽلمينٽس ۾ شهري نه هٿياربند ترسيل آهن

ايران (م د) ايران جي سپريم ليڊر آيت الله خامنه اي غزا ۾ جاري اسرائيلي بمباري فوري روڪڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته اسرائيل جا ڏوهه جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪولمبيا اسرائيل جي سفير کي ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

اسرائيل طرفان غزا جو گهيراءُ نازي قدمن جهڙو آهي : گستاوو پيٽرو

اسان جو ملڪ نسل ڪشي جي حمايت نٿو ڪري سگهي

بگوٽا (م د) ڪولمبيا غزا ۾ غير انساني بمباري ۽ ظلمن تي اسرائيل جي سفير کي ملڪ ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي خبررسان اداري موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آمريڪي صدر اسرائيل دوري جي تصديق ڪري ڇڏي

حماس جي دهشتگرد حملي جي خلاف يڪجهتي جي اظهار لاءِ اسرائيل ويندس : جو بائيڊن

حماس فلسطينين جي خود ارادیت جي حق لاءِ نه بيٺي، ڪجهه بنيادي قدر آهن

واشنگٽن ڊي سي (م د) آمريڪي صدر جو بائيڊن اسرائيل دوري جي تصديق ڪري ڇڏي. ايڪس (ٽوئيٽر) تي جاري ڪيل بيان ۾ جو بائيڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: پاڪستان سني تحريڪ پاران فلسطينين جي حق ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

برطانوي گهرو وزير پاڪستانين کان معافي وتي، جمائما جو مطالبو

ميڊيا ريگوليٽر ۽ هوم آفيس جي پنهنجي تحقيق مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي

برطانيا ۾ جنسي ڏوهن ۾ ملوث گهڻا ماڻهو ايشيائي نسل جا آهن

لنڊن (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي اڳوڻي زال جمائما گولڊ سمٿ پاڪستانين تي ڪوڙو الزام لڳائڻ تي برطانوي گهرو وزير کان معافي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسپين به اسرائيلي ظلمن جي مخالفت ڪري ڇڏي

اسرائيل منصوبابندي تحت مظلوم فلسطيني عوام جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي : ايوان بليرا

وزيراعظم نيتن ياهو جي خلاف عالمي فوجداري عدالت ۾ ان بنياد تي ڪيس هلائڻ گهرجي ته هن جنگي ڏوهه ڪيو آهي

ميڊرڊ (م د) غزا ۾ ٿيل اسرائيلي بربريت تي اسپين تي اسپين به آواز اٿاريندي اسرائيلي ڪارروائين کي جنگي ڏوهه ۽ فلسطينين جي نسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

خضدار ۾ ٻارن جي هٿن ۾ دستي بم ڦاٽي پيو، هڪ فوت، 10 زخمي

ٻار گهرن مان نڪتا ته کين ٻاهر دستي بم پيل نظر آيو

هڪ ٻئي کي ڪيچ ڪرائيندي دستي بم زوردار ڌماڪي سان ڦاٽي پيو

خضدار (م د) خضدار ۾ ٻارن جي هٿن ۾ دستي بم ڦاٽي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ فوت ۽ 10 زخمي ٿي پيا. اهو افسوسناڪ واقعو وڍ تعلقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

حيدرآباد ۾ وڌيڪ ڀاڙو وٺندڙ ٽرانسپورٽرن تي 22 هزار ڏنڊ مقرر

سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن جي هدايتن تي موٽروي پوليس حيدرآباد قومي شاهراهه تي ڪارروائي ڪئي

مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙو وٺندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائيون ڪيون ويون

حيدرآباد: (رپورٽر) موٽروي پوليس جي اضافي ڪرايو وٺندڙن خلاف ڪارروائي، ٽرانسپورٽرن مٿان 22 هزار 5 سئو رپيا ڏنڊ، 87 هزار رقم مسافرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

مولانا فضل الرحمان جمهوريت جي مضبوطي لاءِ اهم تجويز ڏئي ڇڏي

تمام سياسي ڌريون هڪ ٻئي لاءِ گنجائش پيدا ڪن. وقت اچي ويو آهي سياستدان ۽ سياسي جماعتن بردباري جو مظاهرو ڪن: مولانا فضل الرحمان

آصف علي زرداري ۽ ڀٽو خاندان سان سياسي اختلافن باوجود پراڻا لاڳاپا آهن. اسان هڪٻئي جي خوشي ۽ ڏک ۾ شرڪت ڪندا آهيون

سياسي منشور، سياسي موقف ڏيڻ سڀني جو حق آهي پر ٻيهرين ترجيح پارليامينٽ جي بالادستي آهي، سياسي ڌريون هڪ ٻئي پاءِ گنجائش پيدا نه ڪنديون ته نقصان سڀني جو ٿيندو

اسلام آباد (م د) جمعيت علماءِ اسلام جي سربراهه مولانا فضل الرحمان سياسي ماحول ۽ جمهوريت جي مضبوطي لاءِ سياسي جماعتن کي تجويز ڏئي ڇڏي. اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مولانا فضل الرحمان چيو ته تمام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

نگران حڪومت تحريڪ انصاف جي اهم اڳواڻن سان رابطا شروع ڪري ڇڏيا

پي ٽي آءِ جي سينئر مرڪزي اڳواڻ شفقت محمود سان سندس رهائشگاهه تي اطلاعات بابت نگران وزير مرتضيٰ سولنگي ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ صاف، شفاف چونڊون منعقد ڪرڻ، سياسي پارٽين لاءِ چونڊن ۾ شرڪت جا برابري جا موقعا ۽ ٻين دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون

ٻنهي اڳواڻن قومي سطح تي هم آهنگي ۽ مفاهمت کي هٿي ڏيڻ جي امڪانن، اهميت ۽ ضرورت تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

پي ٽي آءِ جو سينئر اڳواڻ شفقت محمود ۽ اطلاعات بابت نگران وزير مرتضيٰ سولنگي (فائيل فوٽو)

اسلام آباد (م د) نگران حڪومت پاڪستان تحريڪ انصاف جي اهم اڳواڻن سان رابطا شروع ڪري ڇڏيا آهن. پي ٽي آءِ جي سينئر مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان نئين چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف گورنر هائوس ۾ ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان نئين چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي ۾ سرڪلر ريلوي چائنا سي آر سي سي تعمير ڪندي: نگران وڏو وزير

2017 ع ۾ ڪيل فزيبلٽي جي بنياد تي سنڌ حڪومتان رٿا جي پي سي ون ايڪنڪ کان منظور ڪرائي

2013 ۾ سي پيڪ اجلاس ۾ فيصلو ٿيو هو ته چائنا ريلوي اٿارٽي کي سي آر بابت نئين فزيبلٽي جي ضرورت آهي

اسان جي چائنيز ڪمپني سي آر سي سي سان گڏجي ڪي سي آر جي فزيبلٽي رپورٽ تيار ڪئي : مسٽر لي سماڪي

ڪراچي: وڏي وزير مقبول باقر ۽ چائنا ريلوي ڪنسٽرڪشن ڪارپوريشن (سي آر سي سي) جي صدر مسٽر لي سماڪي ملاقات ڪندي

بيجنگ (رپورٽر) نگران سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر چيو آهي ته ڪراچي ۾ سرڪلر ريلوي چائنا ريلوي ڪنسٽرڪشن ڪارپوريشن (سي آر سي سي) تعمير ڪندي. اهو فيصلو نگران وڏي وزير مقبول باقر ۽ چائنا ريلوي ڪنسٽرڪشن ڪارپوريشن (سي آر سي سي) جي صدر مسٽر لي سماڪي ۽ نائب صدر REN GUANGJIE سان ملاقات دوران بيجنگ ۾ سي آر سي سي هيڊڪوارٽر ۾ ملاقات دوران ڪيو ويو اجلاس ۾ سي آر سي سي نائب صدر بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ٽرانسپورٽ اينڊ ماس ٽرانزٽ ڊپارٽمينٽ سنڌ حڪومت ۽ اسان جي چائنيز ڪمپني سي آر سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

عام چونڊن ۾ فوج ۽ رينجرز جي مقرري جو فيصلو

چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ عام چونڊن بابت سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اهم اجلاس ٿيو

صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ، چيف سيڪريٽري سنڌ محمد فخر عالم، آءِ جي سنڌ رفعت مختار به شريڪ ٿيو

چيف اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن لاءِ اسپيشل پلان جوڙڻ جون هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي (م د) چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي صدارت هيٺ عام چونڊن بابت سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ اهم اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، پنجاب، خيبر پختونخواهه جي ميمبرن شرڪت ڪئي، گڏوگڏ صوبائي اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ ۾ هڪ اهڙو قانوني نظام قائم ڪرڻ آهي جيڪو سنڌ جي ماڻهن لاءِ انصاف وارو هجي : سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن

مجموعي طور 45 ٽرينين شرڪت ڪئي جن ۾ 5 عورتون ۽ 40 مرد شامل هئا، ٽريننگ 16 ۽ 17 آڪٽوبر 2023 تي منعقد ڪئي وئي

ٽريننگ ۾ قانون، مذهبي معاملن ۽ انساني حقن واري وزير عمر سومرو خاص مهمان طور خدمتون سرانجام ڏنيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن (SHRC) پاران سنڌ جوڊيشل اڪيڊمي ۾ تازو مقرر ٿيل سول ججن ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽن لاءِ انساني حقن بابت تربيتي سيشن جو ڪامياب انعقاد ڪيو ويو. ٽريننگ جو مقصد انساني حقن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

صدر سان پي ٽي آءِ وفد جي ملاقات، خان جو پيغام پهچايو

پي ٽي آءِ ترجمان رئوف حسن ۽ عمير نيازي صدر عارف علوي سان ملاقات ڪئي

پي ٽي آءِ وفد صدر کي ٻين پارٽين سان ڳالهين جو مشورو ڏنو: ارڙي ذريعا

عليما خان ۽ پارٽي وڪيلن پي ٽي آءِ صدر ۽ چيئرمين جي ناراضگي بابت ٻڌايو

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان پاڪستان تحريڪ انصاف جي وفد ملاقات ڪندي

اسلام آباد (م د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان پاڪستان تحريڪ انصاف جي وفد ملاقات ڪئي آهي. ذريعن موجب پي ٽي آءِ ترجمان رئوف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

وفاقي سرڪاري آفيسن جي وقت ۾ تبديلي ڪئي وئي، اسٽيبلشمينٽ ڊويزن نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) وفاقي سرڪاري آفيسن جي وقت ۾ تبديلي ڪئي وئي، اسٽيبلشمينٽ ڊويزن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

وفاقي سرڪار نيب ترميمن کي رد ڪرڻ وارو فيصلو چيلينج ڪري ڇڏيو

وفاقي سرڪار طرفان مخدوم علي خان فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرائي ڇڏي، جنهن ۾ وفاق، نيب ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڌر بڻايو ويو

نيب جي قانون ۾ ڪيل ترميمون بنيادي حقن جي ٽڪرائي نه آهن، پارليامينٽ کي قانونسازي ڪرڻ جو اختيار آهي : اپيل جو متن

اسلام آباد (م د) نگران وفاقي سرڪار نيب قانون ۾ ڪيل ترميمن کي رد ڪرڻ وارو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو وفاقي سرڪار طرفان مخدوم علي خان فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرائي ڇڏي، جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

محمد خان ۾ سکر جي بهادر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو، نعريبازي

پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ مرڪز جي پاران احتجاجي جلوس، پيادل مارچ، ضلعي سطح تي احتجاجن کانپوءِ ايوانن تائين احتجاج ڪرڻ جو اعلان

شهيد جان محمد مهر جي قتل واري واقعي ۾ مک ماسٽر مائينڊ جوابدار 66 ڏينهن گذرڻ باوجود سکر پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي : مظاهرين

نگران صوبائي وزير رٽائرڊ برگيڊيئر حارث ڪراچي جي احتجاج ۾ 15 ڏينهن جي ٽائيم ورڪ تحت جوابدارن جي گرفتاري جو يقين ڏياريو ان تي ڪو به عمل ڪرائي نه سگهيو آهي

ٽنڊو محمد خان) ڊ ر مظفر علي بروهي(ٽنڊو محمد خان ۾ سکر جي بهادر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ مرڪز جي پاران احتجاجي جلوس . پيادل مارچ . احتجاج. ضلعي سطح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽنڊو محمد خان : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نئون ڪوٽ جي مقامي صحافي نويد بجير جو پاءُ ڪيس مان باعزت بري

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ جي مقامي صحافي نويد بجير جو پاءُ درخشان ٿاڻي تي داخل ڪوڙي ڪيس مان باعزت بري سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ سائوٿ آفريڪا جي مقامي ڪائونسلٽ جي بنگلي تي سيڪيورٽي گارڊ طور ڪم ڪندڙ نادر علي بجير 4 مهينا اڳ ذاتي مجبورين سبب بنا موڪل جي گهراڻ تي سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر ۾ پلاٽ اسڪيم ۾ جعلسازي جو شڪار ٿيل نوجوان کي انصاف نه ملي سگهيو

جوابدار بلڊر ڏاتار خان چانڊيو جعلي فائيل ڏئي لکين رپيا هڙپ ڪري ويا آهن : متاثرن جون دانهون

نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري جعلسازي ذريعي ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پلاٽ اسڪيم ۾ جعلسازي جو شڪار ٿيل نوجوان کي انصاف نه ملي سگهيو. احتجاج 15 ڏينهن کان جاري. اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو تفصيل موجب جعلسازي جو متاثر نوجوان سکر جي رهواسي حاجي محمد بخش مهر پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت سکر پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي ۽ چيو ته جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سجاول ۾ ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر ملازم عورتن سان اڻ کوري رويو رکندڙ چوڪيدار خلاف مظاهرو

ملازم عورتن ۽ مردن سلمان ميمڻ، عائشه پروين، نازيه، شازيه سومرو، ربيه سومرو، مهرالنساءِ، نويد ميمڻ، ممتاز ميمڻ، اعجاز ملاح، رفيق سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر جو چوڪيدار آچار ڪنڊائي آفيس ۾ اسان انچارج ملازم عورتن سان بدتميزي ۽ ڪريل ٻولي استعمال ڪري ٿو : مظاهرين جون دانهون

معاملي جو نوٽيس وٺي عورتن سان اڻ کورو رويو رکندڙ آچار ڪنڊائي کي فوري هٽائي اسان ملازم عورتن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

سجاول(رپورٽ ممتاز علي نهڙيو) سجاول ۾ ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر ملازم عورتن سان اڻ کورو رويو رکندڙ چوڪيدار جي خلاف ملازم عورتن ۽ مردن جو احتجاج، فوري طور تي هٽائڻ جو مطالبو. سجاول ۾ پاپوليشن ويلفيئر ملازم عورتن سان اڻ کورو رويو رکندڙ چوڪيدار جي خلاف ڊسٽرڪٽ پاپوليشن سجاول جي ملازم عورتن ۽ مردن ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گهوٽڪي جي رهواسي قيصر ميربحر پاران رونيو کاتي جي بااثر ماڻهن جي ملي ڀڳت خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

سکر(بيورو رپورٽ) گهوٽڪي جي رهواسي قيصر ميربحر رونيو کاتي جي بااثر ماڻهن جي ملي ڀڳت خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته جوابدارن اڪبر، عطا محمد، محمد نواز ۽ ٻين جوابدارن مختيار ڪار گلشير سولنگي، تپيدار جعفر مهر جعلي اڪائونٽ ٺاهي منهنجي والد جي زمين جا ڪوڙا ڪاغذ ٺاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سجاول : پاپوليشن کاتي جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين جي صحافي تي بجلي چوري جي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي راجو شڪيل گانگهڙي جي ڏاڏي احمد گانگهڙي جي گهر تي لڳل بجلي جو ميٽر بجلي جي لائين ڪٽي ميٽر لاهي کڻي ويا هئا

صحافي تي چار لک رپيين جي رهت ۽ بجلي چوري ڪرڻ جي الزام جي ايف آئي آر ڪٽرائي پوليس هٿان گرفتار ڪرائي ڇڏيو

صحافين سخت احتجاج ڪري حيسڪو چيف ۽ واپڊا هائيڊرو اليڪٽريڪل يونين چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي کان گهر ڪئي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي سينيئر صحافي ۽ بول ٽي وي بدين جي رپورٽر راجا شڪيل گانگهڙي جي ذاتي رنجش سبب حيسڪو بدين پاران بجلي چوري جي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرائڻ ۽ گرفتاري خلاف بدين جي صحافين پاران احتجاج ٻيرائتي خبر موجب ته بدين جي صحافي راجو شڪيل گانگهڙي جي ڏاڏي احمد گانگهڙي جي گهر تي لڳل بجلي جو ميٽر تي چار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز ۾ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي ڏهاڙي تي ڀيٽا پيش

وقت جي رهزنن ٽوڙهي ڦاٽڪ جو واقعو ڪري سنڌ امڙ کان پنهنجا ڪونڌر پٽ جدا ڪيا : اڳواڻ

شهيد ٿيل سنڌيونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن جي عظمت جدوجهد ۽ شهادت کي سلام ڪيون ٿا

شهيد قومي ڪارڪن سنڌ جي شاگرد سياست کي مقتل گاهه جو رومانس ڏئي روح ڦوڪيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) 17 آڪٽوبر ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي ڏهاڙي تي جيئي سنڌ محاذ ضلعي نوشهروفيروز پاران جسم ڊيويزنل ڊي او ابرار موراڻي، ضلعي اڳواڻ عرفان ڏاهري، عالم بلادي، دانش ڪليري، عجب چانڊيو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پيپلز پارٽي پاران ڪارساز واقعي جي ياد ۾ جلسو ڪيو

وينڊو : رفيق جمالي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) 2007 ۾ بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي ڪراچي جي ڪارساز واري هنڌ بر دماڪي وارو مامرو، 18 آڪٽوبر 2023 تي ضلع ڪائونسل دادو جي پارڪ تي ڪارساز واقعي کي 16 سال مڪمل ٿيڻ تي شهيدن جي ورسي ملهائي پئي وڃي، پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلع صدر اڳوٽي ايم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز : ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي مزار تي اڳواڻ حاضري ڀري رهيا آهن

ڪنڊڪوٽ ۾ هٿياربند هٿان اغوا ٿيل ۽ ينگ ٻري آزاد ٿيندڙ پاران انصاف لاءِ احتجاج

هٿياربندن ۾ سائين بخش پٽ قابل چاچڙ، گل خان عرف ڪفايت چاچڙ ۽ نصيراڻي سڀي بلوچستان جو آهي : متاثر

انهن مون کي اغوا ڪيو ۽ منهنجي وارثن کان ينگ طور تي ڀ مهينن ورتيون جن جي رقم 3 لکن کان مٿي آهي

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، ڌمڪيون ڏيندڙ جوابدارن خلاف ڪارروائي اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڪنڊڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ ڪجهه ڏينهن هٿياربند هٿان اغوا ٿيل ۽ ينگ ٻري آزاد ٿيندڙ انصاف لاءِ ميڊياسنٽر احتجاج لاءِ پهچي ريا خبر موجب: ڪنڊڪوٽ ڪجهه ڏينهن اڳ ڪچي مان اغوا ٿيل غلام عباس چاچڙ، قدرت الله ۽ انهن جا رشتيدار اڪبر علي، حسن علي چاچڙ ميڊيا سنٽر پهچي احتجاج ڪيو ان موقعي تي اغوا ٿيل ڳوٺ سحراب خان پٺاڻ جي رهواسي غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪي اين شاهه ۾ ٽي روزا ڪتابي ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو

سرڪاري توڙي پرائيويٽ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن سميت وڪيلن، صحافين، ڊاڪٽرن، اديبن ۽ شاعرن جي شرڪت

اسان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪتابي ميلا هڻندا آهيون، پر ڪي اين شاهه ۾ پهريون پيرو ميلو تمام شاندار ٿي گذريو : اڳواڻ

اسان طبقاتي جدوجهد جي ڪامريڊ ساٿي دوستن سهيل چانڊيو، اعجاز ٻبر، رشيد ٻگهيو، بابر چانڊيو ۽ ٻين اسان جو ساٿ ڏنو

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ : برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه ۾ روشني پبليڪيشن گشتي ڪتاب گهر پاران طبقاتي جدوجهد جي تعاون سان ٽي روزا ڪتابي ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. ٽن ڏينهن ۾ سترهن هزار جا ڪتاب وڪرو ٿيا / ڪتاب فروش تفصيل موجب خيرپورناٿن شاهه ۾ روشني پبليڪيشن گشتي ڪتاب گهر پاران طبقاتي جدوجهد جي تعاون سان ٽي روزا ڪتابي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پڊعيدن پرسان درگاهه حضرت پير جمن شاهه هاشمي قريشي جو ساليانو عرس مبارڪ جاري

پڊعيدن(رپورٽر) پڊعيدن پرسان درگاهه حضرت پيرجمن شاهه هاشمي قريشي جو ساليانو 108 عرس مبارڪ جون تقريبون اڄ ٻئي ڏينهن به نهايت عقيدت ۽ احترام سان جاري رهيون، پاڪستان پيپلز پارٽي نوشهروفيروز جي صدر فيروز احمد جمالي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري فاروق احمد پنهور، چيئرمين يونين ڪائونسل جيهو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

خيرپور ناٿن شاهه : ڪتابي ميلي دوران اڳواڻ ويٺل آهن

ٺٽو ـ وايا روڊ اڳوٽي ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي ڪوششن سان منظور

ٺيڪيدار روڊ تي پهريان کان ئي مٽي واري ڪچي ڳاڙهي روهڙي، پرم ۾ ڪلرواري مٽي لاهڻ شروع ڪري ڇڏي

اڄان تان روڊس کاتي جي انجنيئر توڙي ٻين عملدارن هن تعمير ٿيندڙ روڊ جي شروعاتي ڪم جو جائزو ناهي ورتو

ٺيڪيدار خلاف ڪارروائي ڪري روڊ جي نئين سر تعمير لاءِ جدوجهد ڪندڙ جهمپير واسين سان انصاف ڪيو وڃي : رهواسي

ٺٽو(رپورٽر) گذريل 20 سالن کان وڏيڪ عرصي بعد ٺٽو وايا جهمپير روڊ جي نئين سر تعمير لاءِ اڳوٽي ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري ۽ اڳوٽي ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي ڪوششن سان روڊ منظور ٿي ويو آهي. جنهن جو شروعاتي ڪم ٺيڪيدار پاران جاري ڪندي روڊ تي پهريان کان ئي مٽي واري ڪچي ڳاڙهي روهڙي، پرم ۾ ڪلرواري مٽي لاهڻ شروع ڪري ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سن ۾ جواجي آزار نوجوانن کي برباد ڪري ڇڏيون

لکين روپين جا داءَ لڳل، سماجي براين ۾ اضافو ٿي ويو، پوليس خاموش

سماجي براين جو نوٽيس وٺي جوا جو اڏو فوري طور بند ڪرايو وڃي : رهواسي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) سن ۾ جواجي آزار نوجوانن کي برباد ڪري ڇڏيون. لکين روپين جا داءَ لڳل، سماجي براين ۾ اضافو ٿي ويو، پوليس خاموش. تفصيل موجب سن درياءَ ڪناري تي جوا جو اڏو قائم هئڻ سبب سن ۽ علائقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي جي گورننگ جي گڏجاڻي

ڌارين کي اباڻين زمينون هر گز نه ڏيون حڪومت کي فوري نوٽيس وٺي : اڳواڻ

مقامي مسڪينن کي بيدخل نه ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج ڪبو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي جي گورننگ جي ميٽنگ ٿي گذري جنهن ۾ مختلف يونٽن ۽ ماهگيرن ۽ هارين شرڪت ڪئي سينن جي راءِ ورتي وئي ۽ ساحلي پٽي جي هزارين ايڪڙ زمين ڌارين کي ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

بدين : ڪونايل گڏجاڻي دوران اڳواڻ ويٺل آهن

غوثپور پرسان ٽريڪٽر ڊرائيور خالد لاشاري ڏهن ڏينهن بعد بازياب

سندس وارثن پاران ڪالهه نوجوان جي مبينه اغوا ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي هئي

مغوي جي بازيابي جي خبر پوڻ بعد سندس گهر ۾ خوشيون ڪرڙي ويون

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان ڳوٺ ڏڙي سنڌراڻي جو رهواسي پنهنجي ورهين جو ٽريڪٽر ڊرائيور خالد لاشاري جيڪو گذريل هڪ هفتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ملڪ جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن : ڊاڪٽر مشتاق چوڌري

عوام دشمن پاليسين سبب ملڪ تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي

عوام جي مسئلن جي حل لاءِ تمام جلد احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

سکر(بيورو رپورٽ) پاڪستان انقلابي پارٽي جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر مشتاق احمد چوڌري چيو آهي ته عوام دشمن پاليسين سبب ملڪ تباهي جي ڪناري تي پهچي ويو آهي، هر عوام جي جائز حقن لاءِ ڪنهن به قدر ڪان پوئتي نه هٽندا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽي ۾ قومپرست اڳواڻن پاران شهيد مالڪ خشڪ جي مزار تي حاضري

جسٽ اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪرناٽي، فقير عبدالرزاق انڙ ۽ ٻين اڳواڻن وڏي انگ ۾ حاضري ڀري

مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي قومي ترانو پڙهي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ڀيرپلو جيئي سنڌ تحريڪ ۽ جسقم آريسر جي قيادت جي جيئي سنڌ تحريڪ جي چيئرمين سورهيه سنڌي جسقم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽو : قومپرست اڳواڻ حاضري دوران بيٺل آهن

دادو ۾ ٻه جي واپاري جي گهر ۾ لکين روپين جو ڌاڙو

مزاحمت تي گهر ڌڻي زخمي، اظهار شيخ گولي لڳڻ سبب زخمي

زخمي کي سول اسپتال ايمرجنسي وارڊ دادو ۾ داخل ڪيو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ چاڙهو شاهه آباد ۾ ڏينهن ڏٺي جو ٻه جي واپاري جي گهر ۾ لکين روپين جو ڌاڙو مزاحمت تي هٿياربندن گهر ڌڻي اظهار پٽ غلام محمد شيخ کي گولي هڻي زخمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نئون ڪوٽ ۾ وياج خور کان تنگ ٿي تعليم کاتي ملازم پريس ڪلب پهتو

چار سالن کان پگهار جا پيسا ۽ ڪپڙي جو دڪان ڏيڻ باوجود جان آجي ناهي ٿي : حسن دلواڻي

درخواست پوليس کي به ڏني جنهن منهنجو فرياد ٻڌڻ بدران وياج خور سان پٽ ٻڌيل آهي

نئون ڪوٽ(رپورٽر) وياج خور کان تنگ ٿي تعليم کاتي ميرپورخاص جو ڪلارڪ گهرپاتين سميت خودڪشي ڪرڻ تي مجبور. چار سالن کان پگهار جا پيسا ۽ ڪپڙي جو دڪان ڏيڻ باوجود جان آجي ناهي ٿي، پوليس به وياج خور سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نئون ڪوٽ : تعليم کاتي جو ملازم وياج خورن خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

دادو ۾ مسافر ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج جاري

مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 267 هين ڏينهن به احتجاج ڪيو ويو

نوٽيس وٺي ٽريڪ تي ڪراچي لاءِ بولان ميل بحال ڪئي وڃي : مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ رحماني نگر(سيتارود) ريلوي اسٽيشن تي سوئن جو ڏو ايڪسپريس بحال ٿيڻ بعد بولان ميل ۽ خوشحال خان خٽڪ مسافر ٽرينن جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهورميمڻ جي اڳواڻي ۾ 267 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نارو ۾ زمين جي معاملي تان جهيڙو، هڪ مارجي ويو

چونڊڪو پرسان سائڏو ۾ زمين جي معاملي تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ جي نتيجي ۾ غلام نبي پنجابي مارجي ويو، ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

نارو(رپورٽر) نارو سوراهه ٿاڻي جي حد چونڊڪو پرسان سائڏو ۾ زمين جي معاملي تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو جنهن ۾ سليمان ۽ ابراهيم پنجابي وارن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ غلام نبي پنجابي مارجي ويو لاش چونڊڪو اسپتال منتقل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

صحت کاتي ۾ گهٽتين جاين تي باهمي رابطن جي کوٽ آهي جنهن ڪري مسئلا پيش اچن ٿا : ڊي سي

ماتلي تعلقه اسپتال کي ڇڏي باقي ضلعي جي هرننڍي وڏي اسپتال ۾ صفائي جا انتظامات انتهائي ناقص آهن

بدين(ڊ ي) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي زير صدارت دربار هال ۾ صحت جي سهولتن متعلق اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ڳالهائيندي چيو ته صحت کاتي ۾ گهٽتين جاين تي باهمي رابطن جي کوٽ آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

سلطانپور پرسان جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم بابت "ميلاد مصطفيٰ" جو شاندار پروگرام

ميلاد مصطفيٰ ص جي تقريب ۾ ڀرپاسي علائقي واسين، پاڙيسرين ۽ مهمانن جي پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت

عالمن ميلاد مصطفيٰ جي موضوع تي تقرير ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سيرت تي روشني وڌي

پروگرام ۾ نعت خوانن پنهنجي سهڻي سريلي آواز ۽ انداز سان حمد، نعتون مولود شريف منقبتون پڙهي محفل کي مهڪايو

سلطانپور(رپورٽر) سلطانپور پرسان جشن عيد ميلاد النبي جي سلسلي ۾ "ميلاد مصطفيٰ" جو هڪ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو نعت خوانن سميت علماءَ ڪرامن توڙي علائقي جي معزز شخصيتن جي شرڪت تفصيل موجب سلطانپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سلطانپور : ميلاد مصطفيٰ جي تقريب کي عالم خطاب ڪري رهيو آهي

بدين سٽي ۾ بابا آتا چڪي علائقي ۾ هفتي اندر پنج چوريون ٿي ويون، چور سرگرم

بدين(رپورٽر) بدين سٽي لڳ علائقو پانڊا پور ۾ هفتي ۾ پنج چوريون ٿيون آهن علائقي واسين جو چورن جيئڻ جنجهال ڪري ڇڏيو رجب نهڙيو ، مرتضيٰ پناڻ ، شرڪت شاهاڻي ،هڪ مسجد ، نورل چانگ هنن جي گهرن مان هڪ هفتي ۾ چوري ٿيون آهن جنهن جي رپورٽ سٽي ٿاڻو ، ماڈل ٿاڻو تي پڻ ڪئي وئي آهي جڏهن ڪجهه ماڻهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

غوثپور ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿي ويل نوجوان فوت

ڳوٺ مير محمد اوڳاهي ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ڪريم بخش ۽ ارباب وارن ۾ پراڻي زميني تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، هدايت الله سخت زخمي ٿيڻ بعد اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور هڪ مهينو اڳ غوثپور پرسان ڳوٺي لاڙو واري علائقي جي ڳوٺ ميرمحمد اوڳاهي ۾ پراڻي زميني تڪرار تان اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿي ويل نوجوان هدايت الله اوڳاهي زخمن جا سور نه سهندي لاڙڪاڻي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو. فوتي نوجوان گولين لڳڻ سبب سخت زخمي ٿيو هيو جنهن کي سول اسپتال لاڙڪاڻي ۾ زير علاج هيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

خانپور مهر جي سرڪاري اسڪول ۾ ميگا ٽيسٽ ايونٽ، شاگردن ۽ شاگردياڻين حصو ورتو

ميگا ٽيسٽ رکڻ جو مقصد شاگردن ۾ قابليت پيدا ڪرڻ هو جيئن ڪاپي ڪلچر جو خاتمو اچي سگهي : اسسٽنٽ ڪمشنر

پيپر ۽ هڪ سومنٽ ۾ حل ڪرڻ جي لاءِ ڏنو ويو ميگا ٽيسٽ ايونٽ جو نتيجو بعد ۾ جاري ڪيون ويندون : ردا زهرا ٽالپر

اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ردا زهرا ٽالپر ٽيسٽ جو ڊي سي پلين تدريسي عمل ۽ استادن جي محنت کي ساراهيو

خانپور مهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر جي سرڪاري اسڪول ۾ ميگا ٽيسٽ ايونٽ ٽي گذريو ساڍا ٽي شاگردن ۽ شاگردياڻين حصو ورتو مهمان خاص اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙهه ردا زهرا ٽالپر هئي. ميگا ٽيسٽ رکڻ جو مقصد شاگردن ۾ قابليت پيدا ڪرڻ هو جيئن ڪاپي ڪلچر جو خاتمو اچي سگهي. مقرر خبر موجب خانپورمهر جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول خانپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

خانپور مهر : ميگا ٽيسٽ دوران شاگرد ويٺل نظر اچي رهيا آهن

سامارو پرسان راهو آباد واسي زميندار خير محمد راهو پاران بهترين اپت ڪندڙن هارين کي انعامن سان نوازيو ويو

سامارو(رپورٽر) سنڌ ۾ ماڻهن جو اڪثر ڪاروبار زراعت سان لاڳاپيل هوندو آهي اهڙا زميندار اڄ به سنڌ ۾ موجود آهن جيڪي پنهنجي ايمانداري سان پنهنجون زمينون سنڀالين ٿا انهن زمينن تي ڪم ڪندڙ مزدورن توڙي هارين کي پنهنجي پورهيي جو پورو حق ڏيڻ انهن جي محنت ۾ اضافو ڪن ٿا اڄ جي هن دور ۾ اهڙا زميندار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

چوهڙ جمالي پرسان چارڻ برادري جي معزز علي محمد چارڻ پاران آجياڻو

پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي سجاول جي اڳواڻ حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي ۽ شفقت علي خان ملڪاڻي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو

ڪوشش ڪئي آهي ته شاهبندر ۽ جاتي جي عوام کي ترقياتي ڪم ڪرائي ڏنا وڃن، جنهن ۾ ڪجهه ڪم مڪمل ٿي چڪا آهن : شوڪت ملڪاڻي

تعلقي شاهبندر تعلقي جاتي جي عوام هميشه اسان ملڪاڻي جو ساٿ ڏنو آهي، اسان به هر وقت هن عوام سان ڏک ۽ سک ۾ گڏ رهيا آهيون ۽ رهنداسين

چوهڙجمالي(رپورٽر) چوهڙجمالي پرسان يوسي دولتپور ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي سجاول جي اڳواڻ حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي ۽ شفقت علي خان ملڪاڻي جي مان ۾ چارڻ برادري جي معزز علي محمد چارڻ پاران آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ ٻ اڳواڻ حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي کي پوسڪي جو پٽڪو ٻڌرايو ويو. پروگرام ۾ شريڪ چارڻ برادري جي ماڻهو سوين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڏوڪري ۾ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن کي سرخ سلام ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مظاهرو

1984 ۾ ٽوڙهي ڦاٽڪ وٽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن بيگناهه سنڌي شاگردن مٿان فائرنگ ڪري شهيد ڪري ڇڏيو : مظاهرين

ڌاڙيلن خلاف آپريشن ڪري سنڌ ڌرتي تي امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي، ننڍڙي پريا ڪماري سوڌو مظلومن سان انصاف نٿي ڪري

عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ۽ ڌارين کي نيڪالي ڏئي، سنڌين سان ٿيندڙ ظلم بند ڪري مظلوم سنڌي قوم سان انصاف ڪيو وڃي

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۾ جسقم جساف جي ڪارڪنن ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن کي سرخ سلام ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي سائنس ڪاليج ڏوڪري کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي آهي. انهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڏوڪري : ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيدن جي ياد ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

اسلام الدين سومرو سميت ٻين مغوي پريا ڪماري جي بازيابي نه ٿيڻ خلاف تمام جلد خيرپور ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو : نظام الدين سومرو

سکر(بيورو رپورٽ) شهيد دودو سومرو ويلفيئر آرگنائيزيشن سنڌ جي سيڪريٽري جنرل نظام الدين سومرو چيو آهي ته خيرپور جي رهواسي اسلام الدين سومرو سميت ٻين مغوي پريا ڪماري جي بازيابي نه ٿيڻ خلاف تمام جلد خيرپور ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو، هن يقين ڏياريو ته هو يرغمالين جي بازيابي لاءِ هر فورم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري ميرپور خاص پهتو

اڳوٽي ايم پي اي ميرپورخاص هري رام ڪشوري لال، ڪرن هري رام سيٺ سنديپ ڪمار آصف علي زرداري جو استقبال ڪيو

گڏجاڻي دوران صدر غلام قادر مري سيٺ مهيش ڪمار، فقير محمد عرس راجڙ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پنهنجي پراڻي دوست آصف علي زرداري جو هري رام ڪشوري لال فارم هائوس اچڻ تي شڪريو ادا ڪيو

ميرپورخاص(رپورٽر) اڳوٽو صدر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري هري رام ڪشوري لال فارم هائوس بلارو شاهه ميرپورخاص پهتو. تفصيل موجب اڳوٽو صدر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين آصف علي زرداري هري رام ڪشوري لال فارم هائوس پهتو. اڳوٽي ايم پي اي ميرپورخاص هري رام ڪشوري لال، ڪرن هري رام سيٺ سنديپ ڪمار آصف علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

جيڪب آباد: فلسطين مٿان اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاجي مظاهرو

نور محمد منجهو، نديم احمد قريشي، سعيد احمد بروهي، عبدالسميع سومرو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

اسرائيل پاران فلسطين جي معصوم شهرين مٿان ظلم ڪرڻ برداشت کان ٻاهر آهي : مظاهرين جون دانهون

اسرائيل جي فلسطين جي معصوم شهرين مٿان ظلم جو فوري نوٽس وٺي اسرائيل خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

جيڪب آباد(رپورٽر) جيڪب آباد: فلسطين مٿان اسرائيلي جارحيت خلاف جيڪب آباد ۾ پي پي شهيد ڀٽو پاران ضلعي صدر نور محمد منجهو، نديم احمد قريشي، سعيد احمد بروهي، عبدالسميع سومرو جي اڳواڻي ۾ ضلعي آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي. اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، مظاهرين جي هٿن ۾ فلسطين جي جهنڊن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

جيڪب آباد : اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

چيف مانيٽرنگ آفيسر شهيد بينظيرآباد پاران سڪرنڊ جي اسڪولن جو دورو

نوابشاهه(رپورٽر) چيف مانيٽرنگ آفيسر شهيد بينظيرآباد طارق علي سولنگي اڄ تعلقي سڪرنڊ جي 23 کان وڌيڪ اسڪولن جو اوچتو دورو ڪري استادن ۽ عملي جي حاضري چيڪ ڪئي ان موقعي تي چيف مانيٽرنگ آفيسر طارق علي سولنگي چيو ته اڄ تعلقي سڪرنڊ جي مختلف اسڪولن جو اوچتو دورو ڪري استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

چوهڙجمالي ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي مجلس عمومي جو اجلاس

اعلائيل سنڌ امن مارچ ۽ تعلقي شاهبندر ۾ وڌندڙ بدامني، چوري ۽ ڦرجي وارداتن بابت غور ويچار

صوبائي جماعت پاران اعلائيل سنڌ امن مارچ جيڪو 22 آڪٽوبر کان شروع ٿيندو : اڳواڻ

چوهڙجمالي کان 300 گاڏين تي مشتمل هڪ وڏو قافلو چڇ جهان خان، جاتي کان ٿيندو سجاول پهچندو

چوهڙجمالي(رپورٽ شاهدحسيني) چوهڙجمالي ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي مجلس عمومي جو اجلاس يونٽ جي امير فاروق آزاد ميمڻ جي صدارت ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ صوبائي جماعت پاران اعلائيل سنڌ امن مارچ ۽ تعلقي شاهبندر ۾ وڌندڙ بدامني، چوري ۽ ڦرجي وارداتن سميت شهر ۽ ڀرپاسي سرعام هلندڙ منشيات ۽ جوا جي آزار خلاف 22 آڪٽوبر تي امن مارچ جي حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
اربع 18 آڪٽوبر 2023ع

متبادل جي خواهش ۽ حقيقت ۾ وٿي

نصير ميمڻ

سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ڊگهي پارلياماني هڪ هٽيءَ کي ڏهاڪا گذري ويا آهن. ان ۾ خاص طور تي گذريل 15 ورهين جي لڳاتار حڪمرانيءَ جو مدو اهم آهي. 90ع واري ڏهاڪي جي ابتڙ هن ڀيري سنڌ ۾ پ پ پ کي اقتدار بنا ساهيءَ جي حاصل رهيو آهي، ان جي سامهون ڪا مضبوط مخالف ڌر به ناهي رهي ۽ صوبي جي مٿان ان کي انتظامي اختيار به مڪمل طور تي حاصل رهيو آهي. انهن 15 ورهين جي چڱائين ۽ ڪسائين تي گهڻو ڪجهه لکيو ۽ ڳالهائبو رهيو آهي. انهن سمورن بحثن جو اصل نتيجو سر زمين تي نظر ايندڙ سنڌ آهي. ان جا شهر ۽ ڳوٺ ۽ اتي جو امن امان، ميرٽ، صنعتي ترقي، انفراسٽرڪچر سڀ ان ڪارڪردگي کي بيان ڪري رهيا آهن. سڀ کان اهم، ويندي ويندي حڪومت پاران گڏيل مفادن واري ڪائونسل ۾ آدم ڳٽپ ۾ سنڌ سان ڪيل ويڌن ان جي گواهه آهي. حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جي حمايت ۽ مخالفت بنهي لاءِ دليل موجود آهن پر هڪ سوال ڪارڪردگي کان هٽي ڪري آهي ۽ اهو آهي سياسي 'چوائس' جو. سنڌ جي ماڻهن وٽ پنجاب ۽ خيبر پختونخوا جيان 'چوائسز' چو ناهن. بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا جا قومپرست شروع کان وٺي پارلياماني سياست ۾ سرگرم رهيا. تنهنڪري صوبائي توڙي قومي اسيمبليءَ ۾ اتي جي قومي سوال تي آواز اٿندا رهيا آهن. انهن صوبن ۾ اتي جا قومپرست عوام وٽ هڪ پارلياماني آپشن رهيا آهن. ان جي ابتڙ سنڌ ۾ هڪ ڊگهي عرصي کان قومپرست ۽ ترقي پسند پارٽين پاڻ کي پارلياماني سياست کان ٻاهر رکيو آهي.

گذريل ٻن ڏهاڪن کان قومپرست ڌرين پارلياماني سياست ۾ هٽ پيرهڻ شروع ڪيا آهن پر ان ۾ به سنجيده حڪمت عمليءَ جي کوٽ صاف نظر اچي ٿي. مثال طور: قومپرست ڌريون مختلف وقتن تي ٻين ڌرين سان ته اتحاد ڪن ٿيون پر پاڻ ۾ هڪٻئي سان اليڪشن اتحاد نه ٿيون ڪن. جن ڌرين سان اهي اتحاد ڪن ٿيون، بدقسمتيءَ سان انهن جو سياسي رڪارڊ ۽ ساک پيپلز پارٽيءَ کان به خراب آهي. ساڳي طرح قومپرست پارٽيون عملي طور چونڊن کان ڪجهه مهينا اڳ سرگرمي شروع ڪن ٿيون. انهن جي اڳواڻن وٽ نه مستقل تڪ آهن، نه هوائي وجي عوام سان اٿڻ ويهڻ ٿا ۽ نه مقامي مسئلن ۾ سندن ٻانهن ٻيلي بڻجن ٿا. پوڙن، ساموندي طوفان، ڌاڙيلن هٿان اغوا، پوليس هٿان ڪنيجڻ، لوڊشيڊنگ، اسپتالن ۽ اسڪولن يا پيئڻ جي پاڻيءَ جي اڻهوند وارين گهڙين ۾ انهن تڪن ۾ قومپرست پارٽين جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ اڳواڻ ئي مقامي سطح تي نظر اچن ٿا. ووٽ جي سياست ته پارٽين ئي مهينا لڳاتار رابطي ۽ تعلق جي تقاضا ٿي ڪري. برابر قومپرستن ڌرين جي نظرياتي سوچ پلي ۽ سندن بيان به دل موهيندڙ هوندا آهن پر تڪ جي سياست جون تقاضائون بنهه الڳ آهن. جيڪڏهن انهن ادارن ۾ بهتر متبادل طور جاءِ والارڻي آهي ته ان جي تقاضائن کي به پورو ڪرڻو پوندو. ان جي لاءِ هڪ مختلف حڪمت عملي گهرجي. هڪ متبادل تنظيمي ڍانچو به گهرجي ۽ مختلف سياسي تياري، رويا ۽ وسيلا به گهرجن. هڪ اڻ ونڊڻ سچائي اها آهي ته پيپلز پارٽيءَ جهڙي سگهاري پارلياماني ڌر کي لللڪارڻ لاءِ جيتري خواهش آهي، اوتري سنجيدگي ۽ تياري نه ٿي نظر اچي. پارلياماني سياست مختلف ضرور آهي پر ايتري ناممڪن به ناهي، جو قومپرست پارٽيون اها نه ڪري سگهن ۽ پيپلز پارٽيءَ کي چئلينج نه ڪري سگهن پر ان لاءِ گهربل سنجيدگي ۽ حڪمت عمليءَ جي کوٽ آهي.

اليڪشني سياست ۾ نظرئي، منشور ۽ سچائي سان گڏ تڪ جي سطح تي عوام سان لڳاتار رابطي، سندن مسئلن لاءِ مقامي سطح تي متحرڪ رهڻ ۽ سندن ڏک سک ۾ گڏ رهڻ جي ضرورت هوندي آهي. اهو سچو عمل لڳاتار برقرار رکڻو پوندو آهي. ان لاءِ چونڊ شيڊيول توڙي چونڊ نتيجن جو انتظار ناهي ڪرڻو هوندو. اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي باوجود به چونڊن ۾ مخالفن کان کٽڻ جي ڪا به ضمانت ناهي هوندي. البته ان سان اڳواڻ ۽ پارٽيون هڪ متبادل ٿي اڀري سگهن ٿيون. اهڙي مضبوط متبادل جي موجودگيءَ ۾ ڪنندڙ ڌر لاءِ عوام کي دور ڌڪي جيان هڪلڻ ممڪن ناهي رهندو. ڪنندڙ اڳواڻ ۽ پارٽيءَ لاءِ ضروري ٿي پوندو آهي ته عوام جي مسئلن کي حل ڪن. علائقي جي ترقيءَ لاءِ هٿ پير هڻن. قومي سطح تي اجتماعي مفادن جي معاملي تي عوام سان بيهن ۽ عوام جي ترقيءَ لاءِ ايندڙ وسيلن کي پنهنجي اوطاقن تي بنا ڊپ ڏاءِ جي خرچ نه ڪري سگهن. متبادل پارلياماني ڌر يا ڌرين جي موجودگيءَ ۾ حڪمران ڌريون عوام لاءِ بهتر ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه مجبور ٿينديون آهن. سياسي چٽاڀيٽي نه هجڻ سبب سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي قيادت تي مقامي توڙي صوبائي سطح تي ڪو به دٻاءُ ناهي، جنهنڪري ڪين ڪارڪردگي ڏيکارڻ جي گهڻي ضرورت پيش نٿي اچي. اهوئي سبب آهي جو سواءِ هڪ ٻن شعبن ۾ ڪجهه ڪارڪردگيءَ جي، باقي اڪثر محاذن تي سنڌ اڳي کان پٺيري نظر اچي ٿي.

قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ۾ نه ڪٿي تڪ وڏا ۽ خرچ به وڏا آهن پر مقامي چونڊون نه گهٽي، پاڙي ۽ ڳوٺ سطح تي ٿيندڙ سياست آهن. اتي نسبتن گهٽ وسيلن ۽ مقامي سطح تي بهتر ساک وارن اميدوارن کي اڳيان آڻي ڪجهه نه ڪجهه نتيجا ماڻي پيا سگهجن. ڪجهه هنڌن تي قومپرست پارٽين جا ڪجهه ڪارڪن ۽ حامي ڪامياب ٿيا آهن پر ان ۾ به اڪثريت جي پنهنجي ڪوششن ۽ ساک جو دخل هو. قومپرست ڌريون ان موقعي مان گهڻو فائدو وٺي ٿي سگهيون پر هنن ان لاءِ نه ڪا تياري ڪئي ۽ نه سنجيده اڳڀرائي ڪئي. متبادل طور ابرڻ جا اهي ئي موقعا هوندا آهن. ايندڙ عام چونڊون به ڪجهه مهينن جي وٿيءَ تي آهن پر هينئر تائين متبادل ڌرين جي ڪا سرگرمي يا تياري نظر نٿي اچي. نتيجي ۾ وري اهي ئي پراڻا مهاندا موٽي ايندا ۽ ساڳيو ڪار وهنوار ٻيهر شروع ڪندا. اسان وري سندن پاران نازل ٿيندڙ هر مصيبت تي متبادل جي تمنا ورجائينداسين.

سنڌ ۾ وڏيرڪي/جاگيردار ٽولي کي ان ڪري ئي قرلٽ جو لائسنس مليل آهي، جو ان اڳيان ڪي به سنجيده سياسي مخالف موجود ناهن. ويتر ڪين متبادل ٿيڻ جي صلاحيت رکندڙن مان ڪن جو ساٿ به حاصل آهي. اها هنن لاءِ آئيڊيل صورتحال آهي. اسان جي قومپرست ڌرين کي اهو سمجهڻ گهرجي ته هو پنهنجا ڪلها مفاد پرست جاگيردار ٽولي کي آڇي سنڌ کي ڪو به لاڀ نه ڏياري سگهندا. اهي پاڻ ۾ هڪٻئي سان هٿ ونڊائي وري به حڪمرانن خلاف هڪ مضبوط آواز اڀاري سنڌ خلاف ٿيندڙ ڪرتوتن کي ڪجهه نه ڪجهه روڪي سگهندا. متبادل ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته سامهون واري ڌر کان بهتر ساک ناهجي. ان ڏس ۾ قومپرست ڌرين کي اتحادن جي معاملي ۾ محتاط رهڻ گهرجي. جيڪڏهن اليڪشني خواهش جي چڪر ۾ قومپرست ڌريون جاگيرداڻي طبقي ۽ مذهبي ڌرين سان اتحاد ڪنديون ته اهي پاڻ مضبوط متبادل ٿيڻ بجاءِ سامهون واري ڌر کي مضبوط ڪنديون.

ڪلالڪا هٽ، اسپرٽ جو واهپو ۽ زندگين جو زيان

ڪنهن به قوم کي منشيات جو هيراڪ بڻائي جسماني ۽ ذهني طور تي مفلوج ڪري سگهجي ٿو. ان ئي اصول تي عمل ڪندي چينين کي آفيم جي ذريعي مفلوج بڻايو ويو ۽ اهوئي نسخو سنڌ تي ڪئين ڏهاڪن کان آزمايو پيو وڃي. ملڪ جي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ سنڌ جي وڌيل اجتماعي سياسي شعور کان خائف ۽ خوفزده قوتن هڪ طرف پوتارڪي آڪٽوپس ذريعي سڄي سماج کي جڪڙي ۽ وڪڙ ۾ آڻي مفلوج بڻائي، ڌاڙيل ۽ دهشتگرد پيدا ڪري سنڌ جي ماڻهن تي اعصابي ۽ نفسياتي جنگ مڙهي، هن قوم کي ذهني طور تي مفلوج ڪيو ويو آهي ته ٻئي طرف جيءَ کي جڏو ڪرڻ لاءِ ان کي نشي وارين شين تي هيرائي تباهه ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. مين پڙي، گٽڪي، 'مائي'، 21 سئو، سفينه ۽ ٻين خطرناڪ ڪيميڪل وارين پڙين جي نالي ۾ ڪينسر ۽ موت جو وکر کلئي عام وڪرو ڪيو پيو وڃي. صرف اهوئي نه، ڪچي شراب ۽ ٺري جو وڪرو عام آهي. اهو ڪچو شراب، ٺرو، تنڪچر، اسپرٽ ڪپي واپرائڻ سان 'پياڪن' جون، 'پيالو ڪري وڃڻ' جون خبرون به رپورٽ ٿينديون رهن ٿيون. اهڙي ئي ڏکوئيندڙ خبر گلاب لغاري مان پڻ رپورٽ ٿي آهي، جتي اسپرٽ ڪپي واپرائڻ سبب 6 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن.

سنڌ سان ازلي ويرکندڙ قوتن ان کي موالين جو مسڪن بنائڻ ۾ ڪا به ڪسر باقي نه ڇڏي آهي. گٽڪو، مين پڙي ۽ ٻيون منشيات وات ۽ نڙيءَ جي ڪينسر سميت خطرناڪ بيمارين جو سبب بڻيل آهن. ان ڪانسواءِ ٺري جو عام وڪرو به جاري آهي. سنڌ جي شايد ئي ڪا وسندي اهڙي هجي، جتي ڪچي شراب/ٺري جون ڀٽيون ڪم نه ڪنديون هجن. وڏن شهرن ۾ ڪٿي معياري مڌ جي دستيابيءَ جا موقعا به ميسر هجن پر ننڍن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ حالت اها آهي جو شام ٿيندي ئي موڪيءَ جا هٽ کلي ٿا وڃن. گهٽين ۾ هر طرف هسٽريائي رڙيون ۽ 'پياڪن' جون دانهون هونديون آهن. انهن حالتن ۾ ڪو شريف ماڻهو گهران نڪرڻ کان به ڪيٻائي ٿو. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته اهو سڄو ڪاروبار پوليس جي سرپرستي ۽ نگرانيءَ ۾ هلي ٿو. هن کان اڳ ۾ به سرڪاري طرح اها رپورٽ پڻ پڌري ٿي چڪي آهي ته سنڌ پوليس جا ڪيترا عملدار ۽ اهلڪار گٽڪي، مين پڙي جي ڪڌي ڪاروبار جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. ان رپورٽ باوجود انهن ملوث عملدارن ۽ اهلڪارن کي ڪهڙي سزا ملي؟ ڇا ان رپورٽ ڪانپوءِ اهڙا اپاءَ ورتا ويا، جو اهو ڪاروبار بند ٿي وڃي؟ ٺري ۽ ڪچي شراب جو وڪرو به پوليس جي سرپرستي ۽ نگرانيءَ ۾ هلڻ ۾ ڪنهن به شڪ شبهي جي گنجائش باقي نه آهي. ٻهراڙين ۽ ننڍن شهرن ۾ ڪو ٺرو ناهيندڙ، ڪلالڪو هٽ هلائيندڙ، پاڙيوارن جي دٻاءَ تي جيڪڏهن اهو ڪاروبار بند ڪري ٿو ته پوليس ان کي پڪڙي شديد تشدد ڪري وري اهو ڪم شروع ڪرائي ٿي. ڇو ته ان ۾ پوليس جي ڪمائي آهي ۽ ٺرو ۽ شراب ناهيندڙ ئي پوليس جا ڪاٺائو پٽ آهن.

پوليس سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح عوام دشمن قوتن جي ايجنڊا تي عمل پيرا آهي. نوجوانن کي منشيات جو عادي بڻائي انهن کي نه صرف جسماني طور تي تباهه ڪيو وڃي ٿو پر سندن ذهني صلاحيتون به ختم ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن به منشيات واپرائڻ سبب ماڻهن جي مرڻ جي خبر رپورٽ ٿئي ٿي ته انهن نشو واپرائيندڙن کي ئي ڏوهاري سمجهيو وڃي ٿو پر منشيات جي تياري، وڪري ۽ فراهمي لاءِ ذميوار ماڻهن خلاف ڪو به قدم نٿو کنيو وڃي. ان ڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته جنهن به حد ۾ منشيات وڪرو ٿئي، اتي جي ٿاڻيدار کي ذميوار سمجهي ان خلاف قدم کنيو وڃي. گٽڪي، مين پڙي سميت ٺري، تنڪچر يا اسپرٽ جو وڪرو بند ڪرايو وڃي. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته اسپرٽ ته ڊاڪٽر جي نسخي ڪانسواءِ وڪرو ئي نٿو ٿي سگهي ته پوءِ ان کي 'پياڪ' ڪيئن ٿا آسانيءَ سان حاصل ڪري وٺن؟ ان ڪري جاچ ڪرائي ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي.

سـاٿـرِ صِـحـتَ سُـپـرِيـن، آهـي نـــ آزارُ؛
مـجـلـسَ ويـرَ مِـلـو ٿـئـي، ڪـوٺِـيـنـدي قَـهـارُ؛
خَـنجرُ تنهن خُوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ؛

علم ، انسانيت جو معراج

پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي

تعليم جي اهميت جي حوالي سان هڪ عام چوڻي آهي ته علم انسان جي ٽين اک آهي ليڪن اسان جي اڪثر تعليمي ادارن مان ملندڙ تعليم جي معيار کي ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اهو شايد ڪنهن ٻئي ملڪ لاءِ ڇپيل ڀاڪو هجي. ڪنهن لکيو ته تعليم ڪنهن به معاشري جي قومي ترقيءَ لاءِ شاهراهه جو ڪردار ادا ڪندي آهي. تعليم ماڻهن ۾ ذميواريءَ جو احساس پيدا ڪندي آهي. تعليم وسيلي ماڻهن کي پنهنجن توڙي سماجي ۽ قومي حقن بابت ڄاڻ ملي ٿي. تعليم ڪنهن به معاشري ۾ شعور ۽ اعتماد ۽ تعاون جو ماحول پيدا ڪرڻ جو سبب بڻبي آهي ۽ تعليم ملڪي ترقيءَ جو سبب پڻ هوندي آهي. (جنهن سان فردن جي ترقي به جڙيل هوندي آهي). منهنجي پنهنجي ذاتي خيال ۾ نوجوانن کي دنيا جي معياري يونيورسٽين بابت معلومات ۽ آگاهي ڏيڻ تمام ضروري آهي ته جيئن هو اتي آسانيءَ سان پهچي سگهن. ڪنهن کي ڏگ جو ڏس ڏئي منزل تي پهچائڻ به نيڪي وارو عمل آهي. انسان کي هر لحاظ سان علم حاصل ڪرڻ گهرجي پوءِ اهو ڪتابن مان ملي، ڏيهه مان توڙي پرڏيهه مان. اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي نوجوان غربت، سهوليتن جي غيرموجودگي يا وري ٻين سببن جي ڪري تعليم حاصل ڪري نه ٿا سگهن. اهڙي صورتحال ۾ جيڪي نوجوان اعليٰ تعليمي ادارن ۾ پهچن ٿا ته اها انهن لاءِ وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي. پر جيڪڏهن ڪي نوجوان دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي ناليوارين يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پهچي وڃن ٿا ته اهي به وڏا خوشنصيب ٿي هوندا آهن.

اها به حقيقت آهي ته دنيا جي ترقي يافته ملڪن جا نه رڳو تعليمي ادارا پر ٻيا ادارا به ڪيترن ئي ڳالهين ۾ اسان جي ادارن کان گهڻو اڳتي آهن ان جو سبب اتان جو سياسي سماجي استحڪام، سسٽم جي مضبوطي، مالي خوشحالي، جديد ٽيڪنالاجي ۽ قانون جي بالادستي پڻ آهي. يورپ ۾ اهڙا به تعليمي ادارا آهن جيڪي سوين سال اڳ قائم ٿيا پر انهن ڪڏهن به تعليمي معيار تي ڪمپرومائيز ڪو نه ڪيو جنهنڪري اهي اڄ به سڄي دنيا ۾ مشهور آهن ۽ اتي سڄي دنيا مان نوجوان تعليم پرائڻ لاءِ ايندا رهن ٿا. اسان جي سنڌ جون به ڪيترين ئي شخصيتون دنيا جي انهن معياري درسگاهن مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري چڪيون آهن ۽ اڄ به ڪيترائي سنڌي نوجوان دنيا جي مختلف يونيورسٽين ۾ پڙهي رهيا آهن. مان پاڻ به اسڪالرشپ حاصل ڪري انگلينڊ جي مشهور ريڊنگ يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي جي تعلم حاصل ڪئي آهي. تنهنڪري اهو سمجهڻ گهرجي ته اعليٰ تعليم جي مقصد لاءِ دنيا جي ڪنهن به معياري يونيورسٽي ۾ پهچڻ ناممڪن ڪم نه آهي.

اها تحقيق ۽ تعليم ڪنهن ڪم جي ناهي جيڪا ملڪ، قوم ۽ مقامي آبادي جا مسئلا حل نٿي ڪري سگهي. هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين چيو ته هر اعليٰ تعليم يافته فرد کي پنهنجي شعبي جي باري ۾ بنيادي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. ان ڪانپوءِ ان کي آس پاس جي ڄاڻ هجڻ ڪپي. ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ ملڪ، ملڪ جي ثقافت ۽ رهندڙن ماڻهن جي عقيدي جي باري ۾ ته ڪجهه ڄاڻ هجڻ گهرجي. هن چيو ته اسانجو نصاب پراڻو آهي، جديد نصاب ڪانسواءِ سڌارا نه اچي سگهندا. هن چيو ته نيشنل ڪريڪيولم ڪائونسل پاران جوڙيل نصاب ۾ ڪافي ڪمزوريون آهن. هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين چيو ته ڊگري ۽ سرٽيفڪيٽ جي اهميت هجڻ گهرجي، اهميت تڏهن ئي ٿيندي جڏهن ڊگري ۽ سرٽيفڪيٽ رکندڙ کي ڪجهه ڄاڻ هوندي. اها ڄاڻ پيدا ڪرڻ اسان جي ذميواري ۽ فرض آهي.

منهنجي نظر ۾ اها تحقيق ۽ تعليم ڪنهن ڪم جي ناهي جيڪا ملڪ، قوم ۽ مقامي آبادي جا مسئلا حل نٿي ڪري سگهي. هر اعليٰ تعليم يافته فرد کي پنهنجي شعبي جي باري ۾ بنيادي ڄاڻ هجڻ ضروري آهي. ان ڪانپوءِ ان کي آس پاس جي ڄاڻ هجڻ ڪپي. ٻيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ ملڪ، ملڪ جي ثقافت ۽ رهندڙن ماڻهن جي عقيدي جي باري ۾ ته ڪجهه ڄاڻ هجڻ گهرجي. اسانجو نصاب پراڻو آهي، جديد نصاب ڪانسواءِ سڌارا نه اچي سگهندا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته نيشنل ڪريڪيولم ڪائونسل پاران جوڙيل نصاب ۾ ڪافي ڪمزوريون آهن. ڊگري ۽ سرٽيفڪيٽ جي اهميت هجڻ گهرجي، اهميت تڏهن ئي ٿيندي جڏهن ڊگري ۽ سرٽيفڪيٽ رکندڙ کي ڪجهه ڄاڻ هوندي جيڪا پيدا ڪرڻ اسان جي ذميواري ۽ فرض آهي.

مان انهن ماڻهن کي ڪي جس ڏيان ٿو جيڪي سنڌ جي نوجوانن کي عملي طور تعليم به ڏين ٿا ته وري اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سندن رهنمائي به ڪن ٿا. سندن ڏينا جي پاڻ مڃائيندڙ درسگاهن متعلق لکيل هي مضمون وڏا معلوماتي آهن جيڪي عالمي يونيورسٽين بابت مڪمل آگاهي ڏين ٿا. ان کان علاوه انهن مضمونن ۾ پرڏيهي يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ يا اڳ پڙهي فارغ ٿيل شخصيتن جا پروفائيل، اسڪالرشپس حاصل ڪرڻ جي طريقن ۽ سندن تعليمي ڪاميابين بابت به معلومات ڏنل آهي جيڪا نوجوانن کي وڏو اتساهه مهيا ڪندي رهي آهي. اميد آهي ته هي ڪتاب پڙهي ڪيترائي سنڌي نوجوان يورپ ۾ پنهنجي پسند جي يونيورسٽي جي چونڊ ڪري اتان اعليٰ تعليم حاصل ڪري پنهنجي قوم، ملڪ ۽ عالمي انسانيت جي خدمت ڪندا.

بقايا 01 ❊❊❊

اطلاعات سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ، چيئرمين پلاننگ بورڊ، فنانس سيڪريٽري ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا چيو آهي ته چونڊن جي غيرجانبدار ۽ پرامن انعقاد لاءِ سمورا وسيلا استعمال ڪيا وڃن. چونڊ عمل ۾ لاپرواهي ڪندڙ آفيسرن ۽ عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته چونڊن جو آزاد، منصفاڻي ۽ غيرجانبدارانہ انعقاد بهتر جمهوريت جو ضامن هوندو. اليڪشن ڪميشن عبوري صوبائي حڪومت کي هر ممڪن مدد فراهم ڪندي. ان کان علاوه سرڪاري ملازمن جي ڪنهن به قسم جي سياسي تعصب کي برداشت نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪا شڪايت ملي ته ان تي فوري ڪارروائي ڪئي ويندي. اجلاس دوران اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري عام چونڊن جي تيارين جي حوالي سان بريفنگ ڏني. جنهن ۾ هن چونڊ لسٽن جي اپڊيٽ ۽ ووٽر رجسٽريشن بابت آگاهي ڏني. صوبائي اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ اجلاس کي عام چونڊن جي تيارين جي حوالي سان هن وقت تائين ڪيل انتظامن تي بريفنگ ڏني ۽ ايندڙ قدمن جو جائزو پيش ڪيو. چيف اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن لاءِ خاص پلان تيار ڪرڻ جا به حڪم ڏنا. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن کي صاف ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ فوج ۽ رينجرز جي مدد به ورتي ويندي. چيف سيڪريٽري سمورن حڪمن تي عملدرآمد جو يقين ڏياريو اجلاس ۾ صوبائي اليڪشن ڪمشنر ٻڌايو ته سنڌ ۾ 2 ڪروڙ 67 لک 83 هزار 254 رجسٽرڊ ووٽر ووٽ جو حق استعمال ڪندا. سنڌ ۾ قومي اسيمبلي جي 61 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 130 سيٽن تي چونڊون ٿينديون. صوبي ۾ 19 هزار 236 پولنگ اسٽيشنون ٺاهيون وينديون. صوبي ۾ 4 هزار 430 انتهائي حساس ۽ 80 پولنگ اسٽيشنز کي حساس قرار ڏنو ويو آهي. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ چيو ته سنڌ حڪومت عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن کي مڪمل سهڪار فراهم ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت اليڪشن ڪميشن جي حڪمن جي روشني ۾ 100 سيڪڙو ٽرانسفر پوسٽنگ تي عمل ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته پولنگ اسٽيشنن تي سمورن سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو اجلاس ۾ آءِ جي رفعت مختار چيو ته سنڌ پوليس پاران سڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي. عام چونڊن ۾ هڪ لک 10 هزار 334 پوليس اهلڪار سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏيندا. ڪوئڪ رسپانس فورس به ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي جي صورت ۾ الرٽ هوندي ۽ اليڪشن جي پرامن انعقاد لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏي ويندي.

بقايا 02 ❊❊❊

ويو جيڪو ناڪام ٿي ويو روسي ٺهراءُ ۾ انساني بنيادن تي جنگ بندي جو مطالبو ڪيو ويو هو جڏهن ته ٺهراءُ ۾ يرغمال ٿيلن جي آزادي، انساني امداد جي رسائي، غزه ۾ عام شهرين جي محفوظ لڏپلاڻ جو به مطالبو ڪيو ويو هو ٺهراءُ جي حق ۾ چين، گڏيل عرب امارات، گبون ۽ موزمبيق حمايت ڪئي، جڏهن ته امريڪا، برطانيا، فرانس ۽ جاپان مخالفت ۾ ووٽ ڏنا. البانيه، برازيل، ايڪواڊور، گهانا، مالٽا ۽ سوئٽزرلينڊ ووٽنگ دوران غير حاضر رهيا

بقايا 03 ❊❊❊

عوام کي پاڪستاني قوم جي مڪمل سفارتي، اخلاقي ۽ سياسي حمايت حاصل آهي.

فلسطين مسئلي جي پائيدار حل ۽ مسلمانن جي مقدس هنڌن تي غيرقانوني قبضي جي خاتمي لاءِ اصولي موقف جي حمايت جاري رکنداسين. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته فورم غزه ۾ اسرائيل جي طاقت جي استعمال سان معصوم شهرين جي جاني نقصان تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو. ان سان گڏوگڏ آرمي چيف پاڪستان مان غيرقانوني پرڏيهين جي باعزت ۽ محفوظ واپسي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي. فورم غيرقانوني معاشي گرمين خلاف جاري ڪارروائين جو به جائزو ورتو. شرڪت ڪندڙن چيو ته حڪومت کي معيشت جي بحالي جي قدمن ۾ هر ممڪن مدد فراهم ڪئي ويندي.

بقايا 04 ❊❊❊

. عالمي بينڪ پاڪستان کي ڏيڍ ڪروڙ ڊالر مدد جي طور به ڏيندو منصوبي جو مقصد توانائي شعبي جي ڪارڪردگي ۾ بهتري ۽ تحفظ آڻڻ آهي. پروگرام جي تحت ڪمرشل انڊسٽريل ۽ رهائشي عمارتن کي گيس کان بجلي تي منتقل ڪيو ويندو منصوبي تي عمل ڪرڻ جي لاءِ ساليانو 291 ارب 65 ڪروڙ روپيه بچت جو اندازو لڳايو ويو آهي. انگن اکرن موجب توانائي بچت ڪندڙ عمارتن جي تعمير سان حوصلہ افزائي ڪئي ويندي. توانائي شعبي ۾ نجي شعبي جي سرمائيڪاري کي به هٿي ڏني ويندي.

بقايا 05 ❊❊❊

جي هڪ ٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا آهن ٻنهي ڌرين طرفان هڪ ٻئي مٿان راڪيٽ لانچر فائر ڪيا ويا جنهن سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو فائرنگ جو سلسلو جاري آهي. علائقي واسي گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ سبحان جوڻيجو، عبدالڪريم جوڻيجو، نظر محمد ۽ نياز جوڻيجو مارجي ويا آهن. پوليس واقعي واري هنڌ نه پهچي سگهي آهي. فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڪلهوڙا برادري جو هڪ ڄڻو نادر ڪلهوڙو مارجي ويو. مارجي ويلن جا لاش واقعي واري هنڌ پيل آهن پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪري سگهي آهي.

بقايا 06 ❊❊❊

ڪندي چيو ته هو ريٽائرڊ ٿيڻ وارن ملازمن ۽ ان جي بيوائن کي سروس جي بقايا ادائيگن کي وقت تي يقيني بڻائن. محتسب اعليٰ سنڌ جاڻايل عائشه خاتون جي درخواست جي ازالي تي حڪم جاري ڪيا جنهن ۾ شڪايت ڪندڙ کي مڙس جي فوتگي جي ڇهن سالن بعد ان جي سروس جي بقايا رهيل ادائيگي 31.19.864 روپين جي رقم ملي رئي شڪايت گذار محتسب اعليٰ سنڌ کي درخواست جمع ڪرائي هئي ته ان جي مڙس محمد ابراهيم انصاري، ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن سجاول ۾ ڊرافٽس طور تي ملازم هو ۽ سروس جي دوران 2018ع ۾ هو لاڏاڻو ڪري ويو هو ۽ بيوه کي فيملي پينشن ۽ بقايا ادائيگي جي مد ۾ 6 سال گذرڻ جي باوجود ادائيگي نه ڪئي وئي ان لاءِ محتسب اعليٰ سنڌ کي درخواست آهي، محتسب اعليٰ سنڌ شڪايت کي منظور ڪندي تحقيقات لاءِ ريجنل ڊائريڪٽر حيدرآباد کي حڪم جاري ڪيا جنهن لاڳاپيل اختيارين کي نوٽسز جاري ڪيا جنهن جي جواب ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن سجاول رپورٽ پيش ڪئي ته شڪايت ڪندڙ کي مرحوم جي موڪلن جا پيسا، گريجوئٽي ۽ ڪميوٽيشن جي مد ۾ 14.19.864/_ روپين جي رقم ادا ڪئي وئي آهي ۽ جي پي فنڊ، گروپ انشورنس ۽ مالي مدد بابت ڪيس لاڳاپيل اختيارين ڏانهن اماڻيو ويو آهي. ڪارروائي جي دوران ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ ويز ڊويزن سجاول ٻڌايو ته فوت ٿيل ملازم جي پٽ کي فوتي ڪوٽا تي اداري ۾ ٽريسر (BPS_5) طور ڀرتي ڪيو ويو آهي جڏهن ته اسسٽنٽ مئنيجر اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن حيدرآباد 350000/_ لک روپين جو چيڪ حوالي ڪيو. وڌيڪ ضلعي اڪائونٽس آفيسر سجاول ٻڌايو ته بيوه کي 900000/_ لک روپيا مالي امداد طور سروس بقايا ادا ڪيا ويا آهن ۽ فوتي جي پٽ کي فوتي ڪوٽا تي نوڪري ڏني وئي آهي ۽ بيواهه کي ماهوار پينشن به ملي رهي آهي. محتسب اعليٰ سنڌ پنهنجي افسوس جو اظهار ڪندي چيف سيڪريٽري سنڌ کي چيو ته لاڳاپيل اختيارين شڪايت ڪندڙ جي بقايا ادائيگي ادا ڪرڻ لاءِ ڇهن سالن کان وڌيڪ وقت لڳي ويو جڏهن ته اهو ڪم گهڻو اڳ ٿيڻ گهرجي ها. جيڪو تمام ڏکوئيندڙ عمل آهي، ان لاءِ هن هدايتون ڏنيون.

بقايا 07 ❊❊❊

سياسي ڌريون هڪ ٻئي لاءِ گنجائش پيدا ڪن، وقت اچي ويو آهي سياستدان ۽ سياسي جماعتن بردباري جو مظاهرو ڪن. سياسي گنجائش لازمي آهي. اختلاف راءِ باوجود سياسي گنجائش پيدا ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته سياسي منشور، سياسي موقف ڏيڻ سيني جو حق آهي پر بهترين ترجيح پارليامينٽ جي بالادستي آهي. سياسي ڌريون هڪ ٻئي پاءِ گنجائش پيدا نه ڪنديون ته نقصان سيني جو ٿيندو. هن زور ڏنو ته آصف علي زرداري ۽ ڀٽو خاندان سان سياسي اختلافن باوجود پراڻا لاڳاپا آهن. اسان هڪٻئي جي خوشي ۽ ڏک ۾ شرڪت ڪندا آهيون. سياسي اختلافن ۽ چڪتاڻ سان نه جمهوريت مضبوط ٿيندي نه ملڪي مسئلا حل ٿيندا. سياسي جماعتن جي پاڻ ۾ گنجائش جو فائدو ڪنهن هڪ پارٽي کي نه سمورين سياسي ڌرين کي ٿيندو. جي يو آءِ سربراهه چيو ته سياستدان ڪنهن سان به اختلاف راءِ يا ڌار موقف رکي سگهي ٿو پر ڪيس سياسي چڪتاڻ جو شڪار نه ٿيڻ گهرجي. جمهوريت جي مضبوطي ضد ۽ هوڏ ۾ نه پر جمهوري روين جي مضبوطي ۾ آهي. هن وڌيڪ چيو ته افسوس سياستدانن جي ڪري ئي ماضي ۽ حال ۾ جمهوريت خطري ۾ پئجي وئي، سيني جي ماضي بابت ڄاڻ آهي پر هاڻ جمهوريت جي مضبوطي لاءِ سياسي گنجائش واري فارمولي سان اڳتي وڌڻو پوندو.

بقايا 08 ❊❊❊

اڳواڻ شفقت محمود سان سنڌس رهائشگاهه تي اطلاعات بابت نگران وزير مرتضيٰ سولنگي ملاقات ڪئي آهي. ملاقات ۾ صاف، شفاف چونڊون منعقد ڪرڻ، سياسي پارٽين لاءِ چونڊن ۾ شرڪت جا برابري جا موقعا ۽ ٻين دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون ٻنهي اڳواڻن قومي سطح تي هم آهنگي ۽ مفاهمت کي هٽي ڏيڻ جي امڪان، اهميت ۽ ضرورت تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي تحريڪ انصاف جي سينئر اڳواڻ شفقت محمود چيو ته شفاف چونڊن لاءِ سمورين پارٽين کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ هڪ جهڙو ماحول ۽ موقعا ڏيڻ جي بنيادي حيثيت حاصل آهي. تحريڪ انصاف کي بنا ڪنهن شڪ جي برابري تي سياسي سرگرمين جو موقعو نه پيو ملي. شفقت محمود چيو ته تحريڪ انصاف کي آئين ۽ قانون جي روشني ۾ چونڊ مهم هلائڻ جي به اجازت نه پئي ڏني وڃي. جڏهن ته ٻين پارٽين کي ملڪ ۾ جلسا، جلوس ڪرڻ جي کليل آزادي مليل آهي. هن چيو ته فيئر ٽرائيل ۽ انصاف تائين مڪمل پهچ کي به آزادانه ۽ منصفاڻه چونڊن جا حدف حاصل ڪرڻ ۾ بنيادي اهميت حاصل آهي. شفقت محمود وڌيڪ چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف صاف شفاف چونڊن لاءِ هر قسم جي تعاون لاءِ تيار آهي. ٻئي طرف صدر عارف علوي سان تحريڪ انصاف جي اطلاعات بابت سيڪريٽري رئوف حسن ۽ بيرسٽر عمر نيازي به ملاقات ڪئي آهي جنهن ۾ موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون.

بقايا 09 ❊❊❊

نويد اشرف گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي گورنر سنڌ ايڊمرل نويد اشرف کي پاڪستان نيوي جي ڪمان سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ملاقات ۾ پاڪ بحريه جي پيشوارانا صلاحيتن، ساموندي حدن جي سارسنڀال ۾ پاڪ بحريه جي ڪردار قومي دفاع ۾ ان جي اهميت ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي سنڌ جي گورنر چيو ته سڄي دنيا جي ساموندي فوج ۾ پاڪ بحريه کي نمايان مقام حاصل آهي هن چيو ته پاڪ بحريه جي پروفيشنل مهارت دنيا جي ڪنهن به ساموندي فوج کان گهٽ ناهي ڪامران خان ٽيسوري چيو ته پاڪ بحريه ساموندي سرحدن جي حفاظت سان گڏ اسمگلنگ روڪڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي اميد آهي ته اوهان جي قيادت ۾ پاڪ بحريه جي پيشوارانا مهارت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو

بقايا 10 ❊❊❊

تي هڊٽي ٿي جنهن ۾ عدالت 9 ماڙ عمارت کي ڊاهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي کي ٻن هفتن ۾ عمارت ڊاهي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. عدالت طرفان چيو ويو آهي ته ايس بي سي اي عملدار عمارت ڊاهي پٽ ڪري اڳڀرائي رپورٽ ايندڙ هڊٽي تي جمع ڪرائين. سنڌ هاءِ ڪورٽ الاٽيز جي درخواست به رد ڪري ڇڏي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته 96 گز جي پلاٽ تي 9 ماڙ عمارت ناهي فليٽ وڪرو ڪيا ويا. عدالتي حڪمن جي باوجود عمارت تيار ڪئي وئي آهي. عدالتي موڪلن دوران بلڊر پوري عمارت تيار ڪري ڇڏي. فوري طور تي عمارت کي ڊاهڻ جو حڪم ڏنو وڃي. هڊٽي دوران عدالت الاٽيز جي وڪيل کان پڇائو ڪيو ته توهان هن عمارت ۾ فليٽ ڪهڙي بنياد تي خريد ڪيا؟ جڏهن توهان فليٽ خريد ڪري رهيا هئا تڏهن توهان چو سڀ ڪجهه نه ڏٺو اسان توهان جي درخواست کي رد ڪريون ٿا. هاڻ توهان معاوضي لاءِ ڌار درخواست داخل ڪري سگهو ٿا. جنهن کان پوءِ عدالت هڊٽي 14 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 11 ❊❊❊

جي قدر ۾ واڌ جو 28 ڏينهن ڊگهو تسلسل ڏنو ويو جيڪو هڪ رڪارڊ آهي. ان کان اڳ 2020 ۾ ڪورونا ڪانپوءِ رپئي جي قدر ۾ واڌ جو تسلسل 22 ڏينهن تي ٻڌل هو گذريل 28 ڏينهن دوران روپيو استحڪام جي مرحلي ۾ داخل ٿي ويو هو. اڳاري ڏينهن به انٽر مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ ڊالر جو قدر گهٽ رهيو. هڪ موقعي تي ڊالر جو قدر هڪ رپيو 23 پئسا گهٽجائي سان 275 روپين 60 پئسن جي سطح تي اچي ويو. پوءِ ڊالر جو قدر وڌيڪ گهٽجڻ جو سلسلو رڪجي ويو ۽ هڪ موقعي تي ڊالر 34 پئسا واڌ سان 277 روپين 20 پئسن تي اچي ويو پر ڪاروبار جي پڄاڻي تي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر 20 پئسا واڌ سان 277 روپين 3 پئسن جي سطح تي بند ٿيو ان جي ابتڙ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو قدر بنا ڪنهن تبديلي جي 277 روپين تي مستحڪم رهيو.

بقايا 12 ❊❊❊

۾ سائفر ڪيس جي هڊٽي هلائي. گذريل هڊٽيءَ تي فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ اڄ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي، اڄوڪي هڊٽيءَ تي به پي ٽي آءِ چيئرمين ۽ شاهه محمود قريشيءَ تي فرد جرم لاڳو نه ٿي سگهيو عدالت فرد جرم جي ڪارروائي ايندڙ هڊٽي تي مقرر ڪري ڇڏي. پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل شير افضل مروت چيو ته عدالت کي ٻڌايو ته چالان جون ڪاپيون ملڻ بنا فرد جرم لاڳو نه ٿو ٿي سگهي وڪيل موجب پي ٽي آءِ چيئرمين کي پڃري نما ڪمري ۾ رکيو ويو آهي، سنڌس حقن جي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي، هن کي 9 مئي جي واقعن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهيپي ٽي آءِ چيئرمين جي ملٽري ڪورٽ ٽرائل جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، اسان جيل اندر هڊٽي کي ٻيهر عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ پيا وڃون

بقايا 13 ❊❊❊

رهيا ته سڄي دنيا جي مسلمانن ۽ مزاحمتي قوتن کي ڪو به نٿو روڪي سگهي. پنهنجي بيان ۾ آيت الله خامنه اي چيو ته اسرائيلي اختيارين کي انهن جي ڏوهن لاءِ ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي. هن چيو ته والاريل فلسطين جي اسرائيلي سيٽلمينٽس ۾ شهري نه هٿيار بند ترسيل آهن.

بقايا 14 ❊❊❊

سي سان گڏجي ڪي سي آر جي فزيبلٽي رپورٽ تيار ڪئي، جنهن ڪري جاپانيز عملدار ڪراچي ۾ سرڪلر ريلوي بڻائيندي. نگران وڏي وزير چيو ته ڪراچي سرڪلر ريلوي کي سي پيڪ ۾ 2016ع دوران شامل ڪيو ويو هو. سي پيڪ جي جوائنٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (جي سي سي) جي 29 ڊسمبر 2016 واري اجلاس ۾ ڪي سي آر کي سي پيڪ ۾ شامل ڪيو ويو هن وڌيڪ چيو ته 2017ع ۾ ڪيل فزيبلٽي جي بنياد تي سنڌ حڪومتن رٿا جي پي سي ون اپنڪ کان منظور ڪرائي، ان وقت ڪي سي آر جي ڪل لاڳت 1.97 بلين ڊالرز هئي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته 2013 ۾ سي پيڪ اجلاس ۾ فيصلو ٿيو هو ته چائنا ريلوي اٿارٽي کي ڪي سي آر بابت نئين فزيبلٽي جي ضرورت آهي ۽ سنڌ حڪومت چيني فرم سي آر سي جي سهڪار سان گڏجي ٻيهر فزيبلٽي رپورٽ تيار ڪئي جنهن مطابق ڪي سي آر 2.002 بلين ڊالرز جي لاڳت سان تعمير ٿيندي. پلاننگ ڪميشن ذريعي چائنا ريلوي اٿارٽي کي پيش ڪيل فزيبلٽي اسٽڊي بابت اپ ڊيٽ ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته ڪي سي آر جو سرڪيولر روٽ اٽڪل 43 ڪلوميٽر (27 ميل) تي پکڙيل آهي، جنهن ۾ ڪي سي آر ڪراچي شهر جي مختلف منظرنامي بشمول صنعتي زون، تجارتي ۽ رهائشي علائقن کي جوڙيندو. ڪراچي سرڪلر ريلوي سٽي اسٽيشن، لانڍي، ملير، ڊرگ روڊ ۽ اورنگي جهڙن اهم هنڌن کي ڪور ڪندو. ڪي سي آر جي تعمير سان روڊن تي ٽريفڪ جي جرپر جو هڪ قابل اعتماد متبادل ٿيندو. ڪي سي آر بڻجڻ سان ٽريفڪ جي رڃ کي گهٽ ڪرڻ ۽ فضائي گدلاڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ٿيندو. بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته چيني معيار تي ٻڌل هاڻوڪي فزيبلٽي اسٽڊي مطابق ڪي سي آر رٿا جي لاڳت 2.002 بلين ڊالرز بڻجي ٿي. ڪراچي سرڪلر ريلو جون 24 اسٽيشنز بڻايون وينديون ۽ روزانو 650000 مسافر سفر ڪندا. نگران وڏي وزير ۽ سي آر سي جي نائب صدر فيصلو ڪيو ته سنڌ حڪومت ڪي سي آر جي روٽ واري ايراضي حل ڪندي. نگران وڏي وزير چيو ته ڪي سي آر جي ايراضيءَ جا مسئلا اٽڪل حل ڪيا ويا آهن ۽ ڪي سي آر پروجيڪٽ جي ساورين گارنٽيءَ جا مسئلا به حل ٿي ويندا. ان تي سي آر سي سي نائب صدر چيو ته پوءِ ڪي سي آر پروجيڪٽ شروع ڪرڻ لاءِ پلاننگ شروع ڪئي وڃي.

بقايا 15 ❊❊❊

ڪولمبين صدر گستاوو پيٽرو چيو آهي ته اسرائيل طرفان غزا جو گهيراءُ نازي قدمن جهڙو آهي، جمهوري اٿهو نازي ازم کي ٻيهر لاڳو ٿيڻ جي اجازت نٿا ڏئي سگهن اسان جو ملڪ نسل ڪشي جي حمايت نٿو ڪري سگهي. هتي اها ڳالهه ذڪر ڪرڻ جوڳي آهي ته ڪولمبيا جا اسرائيل ۽ فلسطين ٻنهي ملڪن سان دوستاڻا لاڳاپا آهن پر اسرائيل جي هاڻوڪن جابراڻن قدمن ڪولمبيا کي انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 16 ❊❊❊

چيو ته حماس جي دهشتگرد حملي جي خلاف يڪجهتي جي اظهار لاءِ اسرائيل ويندس ۽ اسرائيل جي دوري کان پوءِ اردن جو ٽور ڪندس جيڪو سنگين انساني ضرورت کي منهن ڏيڻ ۽ اڳواڻن سان ملاقاتن لاءِ هوندو. آمريڪي صدر چيو ته حماس فلسطينين جي خود ارادیت جي حق لاءِ نه بيلي. ڪجهه بنيادي قدر آهن جيڪي اسان کي آمريڪين جي طور تي گڏ ڪرڻ گهرجي. انهن بنيادي قدرن ۾ نفرت، نسل پرستي، تعصب ۽ تشدد جي خلاف بيهڻو آهي.

بقايا 17 ❊❊❊

چيو ته صوبي ۾ وفاقي وزارت جي منصوبن تي موثر عملدرآمد سان شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ٿي سگهنديون. نگران وفاقي وزير سنڌ جي گورنر سان گڏ اميدن جي گهنٽي وڄائي ۽ طاقتور پاڪستان جي راشن بيگز جو معائنو ڪيو. هن قائداعظم جي ڪمري ۾ باباءِ قوم جي ذاتي سامان جو به جائزو ورتو ۽ نگران وفاقي وزير آءِ ٽي جي شاگردن لاءِ تعمير هيٺ مارڪي جو دورو پڻ ڪيو

بقايا 18 ❊❊❊

هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو ويو آهي. سپريم ڪورٽ ريمارڪس ڏنا ته پشاور هاءِ ڪورٽ جو لوڊشيڊنگ جي خاتمي جو حڪم قانون جي ابتڙ آهي. تنهن ڪري لوڊشيڊنگ سان متاثر ماڻهو نيپرا سان رابطو ڪن. قانون ۾ ڊسڪوز خلاف نيپرا اٿارٽي ۽ ٽربيونل جا فورم قائم ڪيا ويا آهن. لاڳاپيل فورم جي هوندي هاءِ ڪورٽ سڌي ريٽ حڪم جاري نٿي ڪري سگهي. پيسڪو وڪيل چيو ته هاءِ ڪورٽ لوڊشيڊنگ جي صورت ۾ اختيارين خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ جو حڪم ڏنو لوڊشيڊنگ سڄي ملڪ جو مسئلو آهي. پيسڪو اختيارين خلاف ڪيس بنا جواز هوندا. جواب ۾ ٻئي وڪيل چيو ته عدالت گذريل حڪم ۾ لوڊشيڊنگ جا تفصيل گهريا هئا، هاءِ ڪورٽ چيو آهي ته بل ڏيندڙن کي بجلي فراهم ڪئي وڃي. جسٽس منيب اختر ريمارڪس ڏنا ته ان معاملي ۾ ڪيترائي ٽيڪنيڪي نڪتا به اچي سگهن ٿا. عدالت ڪيئن جائزو وٺندي. جن فيڊرن مان ريڪوري نه پئي ٿئي. ان جو ڇا ڪنداسين جسٽس اعجاز الاحسن جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ پيسڪو جي اپيل منظور ڪري ورتي.

بقايا 19 ❊❊❊

حسين جي گهر ۾ ڪم ڪندي هئي. آڄر تي گهر مالڪ ناري کي اسپتال پهچائڻ بدران بيهوشي جي حالت ۾ اسان جي گهر ڇڏي ويا. وارثن موجب اسان نياڻي کي اسپتال کڻي وياسين ته ڊاڪٽرن جناح اسپتال ريفر ڪيو. جناح اسپتال ۾ آئي سي يو ۾ هئي، اڄ ناري دم ڏنو وارثن ٻڌايو ته ڊاڪٽرن چيو ته سونيا جو موت زهر سبب ٿيو گهرمالڪياڻي جا 4 پٽ گهر ۾ موجود هئا. شڪ آهي ته سونيا سان زيادتي ڪئي وئي ۽ بعد ۾ زهر ڏنو ويو آهي. ناري جي وارثن مطالبو ڪيو آهي ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي. گهرمالڪ ۽ سندس پٽن کي گرفتار ڪيو وڃي. وارثن جو چوڻ هو ته پوليس اسان سان سهڪار نه پئي ڪري معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 20 ❊❊❊

جو انگ 2800 کان وڌيڪ ٿي ويو آهي. جڏهن ته تباهه ٿيل عمارتن ۾ هزارين فلسطيني ملبي هيٺيان دٻيل آهن اسرائيل وڌيڪ 21 اسپتال خالي ڪرڻ جو الٽيميٽم ڏئي ڇڏيو آهي. اسرائيلي فوج طرفان غزه تي ميزائل فائر ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. اسرائيل حماس جي انٽيليجنس چيف کي به شهيد ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي آهي. حماس دعويٰ ڪئي آهي ته هڪ ڪلاڪ دوران اسان اسرائيل جي شهر تل ابيب ۽ والاريل بيت المقدس ۾ ميزائلن جا نوان حملا ڪيا آهن. جڏهن ته اترين سرحد تي حزب الله جي ڪارروائين ۾ ڪيمرائن ۽ سينسرز لڳل هڪ ٽاور کي به نشانو بنايو ويو آهي ان کان علاوه اسرائيلي فوج جو هڪ ٽينڪ تباهه ۽ هڪ اسرائيلي فوجي مارجي ويو جنهن جي تصوير به حزب الله سوشل ميڊيا تي جاري ڪري ڇڏي آهي. ٻئي طرف اسرائيلي جارحيت سبب 10 لک کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن جڏهن ته غزه ۾ پاڻي ۽ خوراڪ به ختم ٿي وئي آهي. بڪ، پاڻي جي اٽاٽ ۽ بجلي نه هجڻ سبب وڌيڪ فلسطينين جي فوت ٿيڻ جا امڪان وڌي ويا آهن هوڏانهن گڏيل قومن طرفان چيو ويو آهي ته انساني زندگي جي سوچ ختم ٿي رهي آهي. ڏکڻ غزه طرف لکين ماڻهن جي لڏ پلاڻ وڏي انساني بحران جو بڻجي سگهي ٿي، غزه ۽ مصر وچ ۾ لڏ پلاڻ جي لاءِ صرف رفاهه جي ڪراسنگ آهي جنهن کي پار ڪرڻ جي لاءِ خصوصي اجازت نامو گهرجي.

بقايا 21 ❊❊❊

ڪمشنر سنڌ اعجاز انور چوهاڻ، چيف سيڪريٽري سنڌ محمد فخر عالم، آءِ جي سنڌ رفعت مختار به شريڪ ٿيو اجلاس دوران عام چونڊن جي تيارين جي حوالي سان غور ويچار ڪيو ويو چيف اليڪشن ڪمشنر سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن لاءِ اسپيشل پلان جوڙڻ جون هدايتون جاري ڪيون. هن چيو ته چونڊن کي صاف شفاف بڻائڻ لاءِ آرمي ۽ رينجرز جي مدد به ورتي ويندي. اجلاس دورن آءِ جي سنڌ رفعت مختار ٻڌايو ته سنڌ پوليس طرفان سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو آهي، عام چونڊن ۾ هڪ لک 10 هزار 334 پوليس اهلڪار فرض انجام ڏيندا.

بقايا 22 ❊❊❊

اهم قانونن کي سمجهڻ ۽ تحقيقات ۽ ڪيسن جي دوران انهن جي عملي استعمال کي وڌائڻ آهي ۽ ان جو مقصد سنڌ ۾ هڪ اهڙو قانوني نظام قائم ڪرڻ آهي جيڪو سنڌ جي ماڻهن لاءِ انصاف وارو هجي. مجموعي طور 45 ٽرينين شرڪت ڪئي جن ۾ 5 عورتون ۽ 40 مرد شامل هئا. ٽريننگ 16 ۽ 17 آڪٽوبر 2023 تي منعقد ڪئي وئي. ٽريننگ ۾ قانون، مذهبي معاملن ۽ انساني حقن واري وزير عمر سومرو خاص مهمان طور خدمتون سرانجام ڏنيون. اختتامي تقريب دوران پنهنجي خطاب ۾ هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ججن جو اڳتي هڪ مشڪل سفر آهي. جيڪو سندن ڪيريئر ۾ هڪ نئين باب جي شروعات ڪري ٿو هن انهن کي همٿايو ته هو پنهنجي ڪردار جي اهميت. انهن جي طاقت، ذميواري ۽ انصاف کي برقرار رکڻ جي اهميت کي سڃاڻن محمد عمر سومرو ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سندن فرض سان وابستگي ۽ انصاف جي نظام لاءِ سنڌس لگن مستقبل کي جوڙيندا. هن تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن سنڌ پروٽيڪشن آف هيومن رائيٽس ايڪٽ 2011ع تحت قائم ڪئي وئي هئي، ايس ايڇ آر سي جو مشن سنڌ صوبي ۾ انساني حقن کي فروغ ۽ تحفظ ڏيڻ آهي اليڪٽرانڪ ڪرائمز (ترميمي) ايڪٽ، 2023 ۽ ان جا ضابطا. ماڻهن جي سمگلنگ جي روڪٿام ايڪٽ، 2018. ۽ ان جا ضابطا، 2020. سيشن دوران نامور مقررين اهم موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ته جيئن شعور پيدا ڪيو وڃي ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته اهي قانون سنڌ ۾ ماڻهن جي حقن ۽ ڀلائي جي تحفظ لاءِ مؤثر طريقي سان لاڳو ڪيا وڃن. تربيت سان ڪيترائي قابل ذڪر نتيجا حاصل ٿي سگهن ٿا، جن ۾ انساني حقن جي سمجهه ۾ واڌ، احتساب ۾ اضافو قانوني نظام ۾ عوام جو اعتماد وڌائڻ، انساني حقن جي واڌاري، دير ۾ گهٽتائي، قانوني اڳڀرائي ۽ ڪيس قانون، عدالتي نقص جي گهٽتائي شامل آهي ۽ اپيل ڪريو ۽ قانوني نظام ۾ عوام جي اعتماد کي مضبوط ڪيو اهو سنڌ ۾ قانوني ڪارروائي ذريعي انصاف تائين رسائي کي يقيني بڻائي انساني حقن جي لاڳاپيل قانون سازيءَ جي وڌيڪ ڄاڻ کي فروغ ڏيندو اختتامي اجلاس ۾ انساني حقن واري کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري فضل حسين اويسي، ميمبر سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن اقبال ڏيٿو پڻ شرڪت ڪئي. ٽريننگ سيشن جي پڄاڻي تي مهمان خاص عمر سومرو شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ۽ معزز مقررين کي شيلڊون پڻ پيش ڪيون ويون.

بقايا 23 ❊❊❊

حسن ۽ عمير نيازي صدر سان ملاقات ڪئي، عمران خان پارٽي کي صدر سان رابطو ڪرڻ جو چيو پارٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ وفد صدر کي ٻين پارٽين سان ڳالهين جو مشورو ڏنو پارٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته عمير نيازي کي جيل ۾ ملاقات دوران پي ٽي آءِ چيئرمين هدايتون ڏنيون هيون. عليما خان ۽ پارٽي وڪيلن پي ٽي آءِ صدر ۽ چيئرمين جي ناراضگي بابت ٻڌايو ذريعن موجب چيئرمين پي ٽي آءِ صدر کي چونڊن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جو پيغام موڪليو

بقايا 24 ❊❊❊

هدايتن تي تيل جي قيمتن ۾ لاٿ جو ريليف عوام تائين منتقل ڪرڻ جي شروعات ٿي وئي آهي. ضلعي انتظاميه طرفان موٽر ٽرانسپورٽ فيڊريشن جي عهديدارن سان ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون آهن موٽر ٽرانسپورٽ فيڊريشن ڀاڙن ۾ 10 سيڪڙو لاٿ ڪندي. پرائيويٽ اڏن تان هلندڙ ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ به 10 سيڪڙو لاٿ ڪئي ويندي. ڊي سي لاهور رافعه حيدر چيو آهي ته موٽر ٽرانسپورٽ فيڊريشن ڀاڙن ۾ فوري طور لاٿ تي راضپو ظاهر ڪيو آهي. تيل جون قيمتون گهٽ ٿيڻ سان عام واهپي جي شين ۽ سفر لاءِ گاڏين جي ڀاڙن ۾ به گهٽتائي اينديءَ. هن وڌيڪ چيو ته پيٽروليم شيون سستيون ٿيڻ تي ڪاروباري ماڻهو ٻين مصنوعات جي شين جي قيمتن ۾ به گهٽتائي آڻيندا. پنجاب جي وڏي وزير جي هدايتن کان پوءِ عوام تائين هر ممڪن ريليف پهچائڻ جي لاءِ ڪوشان آهيون.

بقايا 25 ❊❊❊

نون وقتن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن موجب وفاقي سرڪاري آفيسن جو وقت سومر کان جمعو صبح 8 لڳي 30 منٽن کان 4 لڳي 30 منٽن تائين هوندو. نوٽيفڪيشن موجب وفاقي سرڪاري آفيسن ۾ نوان وقت فوري طور لاڳو ٿيندا.

بقايا 26 ❊❊❊

وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو جمائما جو چوڻ هو ته برطانوي گهرو وزير سويلا بريورمين کي پاڪستانين تي برطانيا ۾ جنسي ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جو بي بنياد الزام لڳائڻ تي معافي وٺڻ گهرجي. هن سوشل ميڊيا تي لکيو ته گهرو وزير سويلا بريورمين کي پنهنجي ان دعويٰ تي معافي وٺڻ گهرجي ته برطانيا ۾ ٻارن جو جنسي استحصال ڪندڙ گرومنگ گينگز گهڻو ڪري پاڪستان چاول برطانوي مرد هلائيندا آهن چو جو ميڊيا ريگوليٽر فيصلو ڏنو آهي ته سنڌس اهو بيان بي بنياد ۽ گمراهه ڪندڙ آهي. هن پنهنجي پوسٽ ۾ ٻڌايو ته ميڊيا ريگوليٽر ۽ هوم آفيس جي پنهنجي تحقيق مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي ته برطانيا ۾ جنسي ڏوهن ۾ ملوث گهڻا ماڻهو اڇي نسل جا آهن. جمائما پنهنجي پوسٽ جي آخر ۾ لکيو ته پر ظاهر آهي ته سويلا بريورمين ائين نه ڪندي.

بقايا 27 ❊❊❊

ڪشي قرار ڏئي ڇڏيو پرڏيهي خابر اداري جي رپورٽ موجب اسپين جي سماجي انصاف بابت وزير ايون بليرا چيو آهي ته اسرائيل منصوبابندي تحت مظلوم فلسطيني عوام جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي. سماجي حقن جي نائب هسپانوي وزير ايون بليرا جو چوڻ هو ته اسرائيل جي فلسطيني شهرين تي بمباري ۽ ڪين گڏيل طور سزا ڏيڻ عالمي قانونن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي ۽ اها "جنگي ڏوهه" آهي. هن چيو ته اسرائيل غزا ۾ "منصوبابند نسل ڪشي" ڪري رهيو آهي وزيراعظم نيتن ياهو جي خلاف عالمي فوجداري عدالت ۾ ان بنياد تي ڪيس هلائڻ گهرجي ته هن جنگي ڏوهه ڪيو آهي.

پنهنجي سوشل ميڊيا اڪائونٽ تي جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ بليرا ان ڳالهه تي زور ڏنو ته فلسطينين جي هياءُ ڏاريندڙ منظرن مون کي سخت ڌڪ لڳايو آهي "اسرائيلي رياست غزا ۾ منصوبابند نسل ڪشي ڪري رهي آهي". سنڌس چوڻ هو ته آمريڪا ۽ يورپي يونين نه رڳو اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن پر اسرائيل جي نسل پرستاني پاليسي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ رياست جي حمايت ڪندا آهن. ايون بليرا حڪومت قائم ڪرڻ جي ذميواري سوشلسٽ ورڪرز پارٽي کي اپيل ڪئي آهي ته هو نيتن ياهو جي جنگي ڏوهن جي جاچ لاءِ آءِ سي جي کي درخواست ڏيڻ تي گڏجي ڪم ڪن.

بقايا 28 ❊❊❊

۾ بيش آيو جتي ٻار گهرن مان نڪتا ته ڪين ٻاهر دستي بم پيل نظر آيو. معصوم ٻارن ان کي رانديڪو سمجهي کيڏڻ لڳا. هڪٻئي کي ڪيچ ڪرائيندي دستي بم زوردار ڌماڪي سان ڦاٽي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ٻار فوت ٿي ويو، جڏهن ته 10 سخت زخمي ٿي پيا. جن کي اسپتال نيو ويو

بقايا 29 ❊❊❊

کي واپس ڏني وئي. سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن جي هدايتن تي موٽر وي پوليس حيدرآباد قومي شاهراهه تي پيٽروليم شين جا اگهه گهٽ ٿيڻ باوجود مختلف شهرن ڏانهن واپس ويندڙ مسافرن کان وڌيڪ ڀاڙو وٺندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائيون ڪيون. مجموعي طور تي مهم دوران مسافر گاڏين کي چيڪ ڪيو ويو جڏهن ته ٽرانسپورٽرن خلاف وڌيڪ ڀاڙو وٺڻ تي مجموعي طور تي 22 هزار 500 ڏنڊ هنيو ويو. ان کان علاوه مهم دوران مسافرن کي 87 هزار رپيا واپس ڪرايا ويا.

بقايا 30 ❊❊❊

اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان جي ضلعن ۾ آرمي ۽ دهشتگردن وچ ۾ مقابلو ٿي پيو. ٻهريان چڪريون ڏکڻ وزيرستان جي علائقي اسمان منزه ۾ ٿيون جتي دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي نشانو بنايو ويو. ان دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن ته هڪ زخمي ٿي پيو. آءِ ايس پي آر موجب فائرنگ جي ڏي وٺ دوران سپاهي ساجد اعظم (عمر 31 سال رهندڙ ڪوٽلي، آزاد ڪشمير) بهادري سان وڙهندي شهيد ٿي ويو ٻئي ڪارروائي اتر وزيرستان جي ضلعي ميران شاهه جي عام علائقي ۾ ڪئي وئي جتي دهشتگردن ۽ فورسز وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن ته سپاهي ڪرڪ جو رهواسي 27 ورهين جو سپاهي وارث خان شهيد ٿي ويو پاڪ فوج جي ترجمان موجب علائقي ۾ دهشتگردن خلاف سرچ آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر طرفان وڌيڪ ٻڌايو ويو ته سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي ۽ بهادر جوانن جون اهڙيون قربانيون اسان جي ارادن کي وڌيڪ مضبوط ڪنديون آهن.

بقايا 31 ❊❊❊

وفاق، نيب ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڌر بڻايو ويو اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته نيب جي قانون ۾ ڪيل ترميمون بنيادي حقن جي ڀڃڪڙي نه آهن. پارليامينٽ کي قانونسازي ڪرڻ جو اختيار آهي. نيب قانون ۾ ڪيل ترميمن کي بحال ڪيو وڃي. نگران وفاقي حڪومت درخواست ۾ سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا به ڪئي آهي اڳوڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست تي نيب آرڊيننس ۾ ڪيل ترميمن کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو هو اهڙي فيصلي بعد ترميمن سبب ختم ڪيل نيب جا سمورا ڪيس ٻيهر بحال ٿي ويا آهن

بقايا 32 ❊❊❊

رڪارڊ آهي. ان کان اڳ 2020 ۾ ڪورونا ڪانپوءِ رپئي جي قدر ۾ واڌ جو تسلسل 22 ڏينهن تي ٻڌل هو گذريل 28 ڏينهن دوران روپيو استحڪام جي مرحلي ۾ داخل ٿي ويو هو. اڳاري ڏينهن به انٽر مارڪيٽ ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ ڊالر جو قدر گهٽ رهيو. هڪ موقعي تي ڊالر جو قدر هڪ رپيو 23 پئسا گهٽجائي سان 275 روپين 60 پئسن جي سطح تي اچي ويو. پوءِ ڊالر جو قدر وڌيڪ گهٽجڻ جو سلسلو رڪجي ويو ۽ هڪ موقعي تي ڊالر 34 پئسا واڌ سان 277 روپين 20 پئسن تي اچي ويو پر ڪاروبار جي پڄاڻي تي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر 20 پئسا واڌ سان 277 روپين 3 پئسن جي سطح تي بند ٿيو ان جي ابتڙ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو قدر بنا ڪنهن تبديلي جي 277 روپين تي مستحڪم رهيو.

بقايا | سنڌيار | 01

گارڊ اعجاز آفريدي جي فرياد تي درخشان ٿاڻي تي مبينه 41 هزار روپين جي چوري جي ايف آءِ آر درج ڪري ڪيس نثون ڪورٽ مان گرفتار ڪيو هو جنهن جو مقدمو سٽي ڪورٽ ڪراچي جي جج مظهر علي جي زير سماعت هو جنهن ۾ چوري ثابت نه ٿيڻ تي جاڻايل عدالت صحافي نويد بجير جي ڀاءُ نادر بجير کي باعزت بري ڪري ڇڏيو ڪيس جي پيروي ايڊووڪيٽ امين شر ڪئي

بقايا | سنڌيار | 02

تي احتجاجن ڪانپوءِ ايوانن تائين احتجاج ڪرڻ جو اعلان. ٽنڊو محمد خان ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ مرڪز طرفان بهادر شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪيل اعلان تحت شهر جي الفتاح چوڪ ڪان پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اسسٽنٽ سيڪريٽري جنرل خالد ڪوڪر، مرڪزي اڳواڻ لالا رحمان سمون، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي صدر اقبال ملاح، پريس ڪلب جي چيئرمين غلام نبي ڪيريو، پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ حيدرآباد ريجن جي اڳواڻ رمضان شورو، ترقي پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناري، شهري اتحاد جي صدر نور حسن ڪوڪر، سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي، قومي عوامي تحريڪ جي ونود ميگهواڙ، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي منور سومرو، جمن ملاح، جيئي سنڌ محاذ جي زاهد جسڪاڻي، پريس ڪلب جي صدر منظر رند، جنرل سيڪريٽري امتياز مگريو، بلڙي شاهه ڪريم پريس ڪلب جي صدر مير بادشاهه، شيخ پرڪيو پريس ڪلب جي صدر غلام مصطفيٰ ڪاتيار، ٽنڊوغلام حيدر پريس ڪلب جي صدر الطاف شاهه، هوسڙي پريس ڪلب جي صدر عمران نديم شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، انهي موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته شهيد جان محمد مهر جو قتل سنڌ جي آزاد صحافت جو قتل آهي، جنهن ۾ شهيد جان محمد مهر جي قتل واري واقعي ۾ مک ماسٽر مائينڊ جوابدار 66 ڏينهن گذرڻ باوجود سکر پوليس گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي گهرو کاتي جي نگران صوبائي وزير رٽائرڊ برگيڊيئر حارث ڪراچي جي احتجاج ۾ 15 ڏينهن جي ٽائيم ورڪ تحت جوابدارن جي گرفتاري جو يقين ڏياري ان تي ڪو به عمل ڪرائي نه سگهيو آهي. مک جوابدار کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ آپريشن ڪرڻ واري پلان تي به عمل ٿي نه سگهيو آهي. شهيد جان محمد مهر جي قتل جو مقصد کهڙو هو. سنڌ جي صحافين کي شهيد جان محمد مهر جي قتل جو تحفو آزادي واري رات ڏيئي آخر ڪهڙو پيغام پهچايو ويو. جيڪو سنڌ جي صحافت سان گڏ ملڪ جي صحافت لاءِ وڏو الميو آهي، جنهن جي ڪري هاڻي شهيد جان محمد مهر جو قتل صرف هڪ اداري لاءِ چيلينج نه آهي پر شهيد جان محمد مهر هاڻي صحافت جو اهڙو ورثو ٿي چڪو آهي جنهن جي قاتلن کي انجام تائين پهچائڻ لاءِ احتجاج جو سلسلو ضلعي سطح تي احتجاجن ڪرائڻ بعد احتجاج ايوانن تائين پهچايو ويندو، احتجاجي ڌرڻي ۾ قرارداد ذريعي وفاقي ۽ صوبائي نگران سرڪار کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته فوري طور شهيد جان محمد مهر جا قاتلن ۽ ماسٽر مائينڊ مک جوابدار گرفتار ڪيا وڃن. قتل ۾ لکيل بااثرهٽ ظاهر ڪيا وڃن. ٻئي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو قاتلن جي گرفتاري تائين جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 03

جا سوين جواري تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا وڏاڇپر ايٽ سن پوليس طرفان رند روڪ نه هئڻ سبب لکين روپين جا داءُ لڳن ٿا دريا پرسان قائم جوا جي اڏي تي ڪيٽري جواري تاش جي پتن سان لکين روپين جا داءُ رکن ٿا سوين آسپاس جي نوجوان جواري وڏي رقم هارائي چوريون ۽ ٻيون سماجي برايون ڪرڻ لڳا ڪيترن گهرن جا سونا زيور ۽ قيمتي سامان وڪرو ڪري جوا تي داءُ لڳائين ٿا ۽ پوليس پاران ڪابه اثرائتي ڪاروائي نه ٿيڻ سبب علائقي جا وڏا جواري بي خوف ٿي بشسولتائڻ لڳا هتان جي رهواسين ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جوا جو اڏو فوري طور بند ڪرايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 04

جنهن ۾ تعلقه گولارچي جي احمد راڄو ديهه 4 5 6 7 ۽ تعلقه بدين جي ديهه ٺاٺ ۽ ديهه ملير سميت مختلف ديهن ۾ زمين ڌارين حوالي ڪئي وئي آهي انهي لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي جيڪا متاثر ديه جي ڳوٺن ۾ رهي معلومات ۽ جدوجهد تي تياريون ڪيون وينديون اسان نگران حڪومت ۽ وفاق ۽ حڪومت سنڌ کان مطالبو ٿا ڪريون ته هتي جا مقامي ماڻهون جن جا صدين کان ڳوٺ هتي آهن جن جا مُڙهه مقام هتي آهن انهي ڌارين کي آباڻيون زمينون هر گز نه ڏيون حڪومت کي فوري نوٽيس وٺي مقامي مسڪينن کي بيدخل نه ڪري انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ جهدوجهد جي شروعات ڀرپور ڪئي ويندي

بقايا | سنڌيار | 05

ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي سان پڻ ملاقات ڪري چڪا آهن پر آس پاس ۾ رهندڙ چند موالي چور پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي رجب نهڙيو جو چوڻ آهي پوليس چور گرفتار نگ ڪيا نه ٽن ڏينهن بعد متاثر سڀ گڏجي ايس ايس پي آفيس اڳيان احتجاج ڪنداسين

بقايا | سنڌيار | 06

پرسان ڳوٺ فتح علي انڙ ۾ سينئر صحافي حافظ خدابخش انڙ ۽ سندس والد حاجي رحيم بخش انڙ جن جي ميزباني هيٺ ميلاد مصطفيٰ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڳوٺائن علائقي واسين، پاڙيسرين ۽ مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پروگرام کي علماء ڪرامن خطاب ڪندي ميلاد مصطفيٰ جي موضوع تي تقرير ڪري حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي سيرت تي روشني وڌي، علماء ڪرامن ۾ مفتي ڊاڪٽر ميان عبدالقادر انڙ سڪندري، ميان محمد علي انڙ، حسيني ميان امان الله انڙ، سهروردي ميان اسدالله انڙ حسيني، حضور بخش چاچڙ، ميان قرمان علي حسيني شامل هئا. جڏهن ته مهمان خاص ۾ ميان عابد حسين انڙ سهروردي سجاده نشين درگاهه بکوشير، ميان محمد سومر انڙ سهروردي سڪندري صوبائي اڳواڻ مرڪزي جماعت اهلسنت سنڌ، سياسي سماجي اڳواڻ ميان شير محمد انڙ ميان ذوالفقار علي سڪندري، ميان محمد حنف انڌڙ ميان نور حسن انڙ محمود مهر صدر سلطانپور پريس ڪلب، سينيئر صحافين ميان علي گوهر انڙ قربان علي مهر پرويز علي انڙ، ضمير جتوئي خدابخش چاچڙ، اصغر علي چاچڙ، سجاد ملاٽو، عبدالخالق ڪٽو محمد جادل منگي محمد جمن انڙ ڪريم بخش انڙ ۽ ٻين مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت ڪئي پروگرام ۾ نعت خوان ياران پنهنجي سهڻي سريلي آواز ۽ انداز سان حمد، نعتون مولود شريف منقبتون پڙهي محفل کي مهڪايو جڏهن ته پروگرام جي آخر ۾ مجموعي دعا ٿي جنهن کان پوءِ شريڪ ماڻهن ۾ لنگر عام تقسيم ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 07

آفيس اڳيان احتجاج ڪندي ملازم عورتن ۽ مردن سلمان ميمڻ عائشه پروين، نازيه، شازيه سومرو، ربيه سومرو، مهرالنساء، نويد ميمڻ، ممتاز ميمڻ اعجاز ملاح، رفيق سولنگي ۽ ٻين احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو ته ڊسٽرڪٽ پاپوليشن ويلفيئر سڄاول جو چوڪيدار آچار ڪڏائي جيڪو آفيس ۾ اسان انچارج ملازم عورتن سان بدتميزي ۽ ڪريل ٻولي استعمال ڪري ٿو ۽ آفيس مان چوري به ڪرائي ٿو، اهڙي دانهن اسان ڪلرڪ طالب انڙ کي پڻ ڏني آهي جيڪو هن کي هدايت ڪرڻ بدران ٻيٽو پٺڀرائي ڪري رهيو آهي. اسان چوڪيدار آچار ڪڏائي جي اهڙي اڻنگي رويي مان تنگ ٿي پيا آهيون. ان کان علاوه آفيس جا به ڪوڙ سارا مسئلا آهن جيڪي حل نٿا ٿين، هنن چيو ته آفيسر وهاب عباسي نهايت ئي سلو ۽ ايماندار آفيسر آهي جيڪو اسان جي هروقت رهنمائي ڪندو آهي. هنن نگران حڪومت کي مطالبو ڪندي چيو ته عورتن سان اڻگوروويو رکندڙ آچار ڪڏائي کي فورن هٽائي اسان ملازم عورتن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا | سنڌيار | 08

بلدر ڏاڏار خان چانڊيو جعلي فائيل ڏئي لکين رپيا هڙپ ڪري ويا آهن ڪراچي سول ايوي ايشن اسڪيم 33 پلاٽ جي رقم واپس نه ڪري رهيو آهي. جيڪا سراسر ناانصافي آهي. رقم واپس ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، متاثرن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري جعلسازي ذريعي ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائڻ سميت انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 09

زمين هين کي الارٽ ڪئي آهي، هنن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 10

ڪان پراسرار نموني گم ٿي ويو هيو ۽ سندس وارثن پاران ڪالهه نوجوان جي مبينه اغوا ٿيڻ جي تصديق پڻ ڪئي وئي هئي سو راڄوڻي ڪوشش بعد اج اسرويلي بازياب ٿي ويو آهي، وارثن خادم لاشاري، شريف ۽ عبدالله ٿانوري رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته اسان جي نوجوان کي اغوا ڪارن اج اسرويلي ٽين بجي ڪنڊڪوٽ جي جهولي لال پٽرول پمپ پرسان هٽ ۽ اکين تي پٽيون ٻڌي اڇلائي ويا نوجوان پاران دانهون ڪرڻ تي پرپاسي جي ماڻهن پهچي سندس هٿن ۽ اکين جون پٽيون کولي ڪانئس احوال وٺي سندس وارثن کي اطلاع ڪيو جيڪي واقعي واري هنڌ پهچي مغوي نوجوان کي ساڻ ڪري ايس ايس پي ڪشمور جي آفيس لاءِ روانا ٿي ويا آهن. واضح رهي ته ڪالهه ڏوهارين سندس وارثن کي فون ذريعي پنج لک روپيه پنگ ڏيڻ جي ڌمڪي به ڏني هئي ڳوٺ ڏڙي رهواسي ٽريڪٽر ڊرائيور خالد لاشاري هڪ هفتو اڳ غوثپور کان ڪنڊڪوٽ ويندي پراسرار نموني گم ٿي ويو هو. جيڪو گهر نه پهتو ته وارثن سندس ڳولها شروع ڪئي پر ڪٿي به ڪو سُ پتو نه ملي سگهيو هيو ۽ ڪالهه سندس وارثن کي اغوا جي تصديق ٿي هئي، سندس وارثن ايس ايس پي کان مدد به گهري هئي ٻئي پاسي مغوي جي بازيابي جي خبر پوڻ بعد سندس گهر ۾ خوشيون پکڙجي ويون آهن.

بقايا | سنڌيار | 11

عوام ۽ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ تمام جلد احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي. جنهن ۾ ڪارڪن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. خطاب دوران پاڪستان انقلابي پارٽي جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر مشتاق احمد چوڌري، سنڌ جي آرگنائيزر نعيم بلوچ چيو ته ملڪ جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون آهن. پر هو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪي به قدم نه ٿا کڻن. عوام مهانگائي سبب خودڪشيون ڪري رهيو آهي. ملڪ قرضن هيٺ دٻيل آهي. سنڌ جو ٽيون نمبر وڏو شهر سکر مسئلن جو شڪار آهي. شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ناهي ڪيو ويو. عوام کي انقلاب آڻڻو پوندو، ملڪ جي ترقي جي طرف وڌي وڃڻو آهي. جيڪو صرف عوام جي سهڪار سان ئي ممڪن آهي اچو ۽ پاڪستان کي بچائڻ لاءِ اسان جو ساٿ ڏيو اجلاس جي آخر ۾ پارٽي چيئرمين اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعا به ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 12

